ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   آچر 21 ڊسمبر 2025ع 29 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه   شمارو (128)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري جي بختاور ڪيڊٽ ڪاليج جي پنجين پاسنگ آئوٽ پريڊ ۾ شرڪت، نئين جمنازيم ۽ سوئمنگ پول جو افتتاح

اسلام آباد (اي پي پي)پاڪستان جي خاتون اول ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر آصفه ڀٽو زرداري ڪئڊٽ ڪاليج ڏيٺهن بختاور

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

لاهور ۾ آمريڪي قونصل جنرل سان پي ايس ايل جي سي اي او جي ملاقات

لاهور (اي پي پي) لاهور ۾ آمريڪي قونصل جنرل اسٽيفسن سينڊرز سان پي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهه ۾ اضافو رڪارڊ

نيويارڪ (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي اگهه ۾ اضافو رڪارڊ ڪيو ويو

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توشا خانا ٽو ڪيس ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي 17،17 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

اسپيشل جج سينٽرل ارجمند شاهه اڊيالا جيل ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي موجودگيءَ ۾ توشا خانا ٽو ڪيس جو فيصلو ٻڌايو، عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي وڪيلن مان ڪو به عدالت ۾ پهتو

عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي هڪ ڪروڙ 64 لک رپيا ڏنڊ جي سزا پڻ ٻڌائي، اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي خلاف توشا خانا ٽو ڪيس جو لکت ۾ فيصلو سامهون اچي ويو

فريادي ڌر پنهنجو ڪيس ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي، ٻنهي جوابدارن تي امانت ۾ خيانت جو ڏوهه ثابت. عمران خان کي ڪلم 409 تحت ڏهه سال ۽ اينٽي ڪرپشن ايڪٽ تحت ست سال قيد جي سزا

پي ٽي آءِ باني کي وڌي عمر ۽ بشريٰ بي بي کي عورت هئڻ سبب گهٽ سزا ڏني وئي، جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري واري عرصي کي به سزا ۾ شامل ڪيو ويو آهي: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو لکت ۾ فيصلو جاري

سيپٽمبر 2024ع ۾ ايف آءِ اي جاچ ڪانپوءِ چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو هو، توشا خانا جي ٻئي ڪيس ۾ عمران خان ۽ سنڌس گهرواري بشريٰ بي بي تي 12 ڊسمبر 2024ع تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو هو

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسلام آباد جي عدالت توشا خانا ٽو ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ سنڌس گهرواري بشريٰ بي بي کي 17، 17 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي اسپيشل جج سينٽرل ارجمند شاهه اڊيالا جيل ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي موجودگيءَ ۾ توشا خانا ٽو ڪيس جو فيصلو ٻڌايو جڏهن ته عمران خان ۽ بشريٰ بي بي جي وڪيلن مان ڪو به

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

پي ٽي آءِ جو باني عمران خان ۽ سنڌس گهرواري بشرا بيبي جو فائل فوٽو

سياسي جماعت کي سياسي جماعت ٿي رهڻ گهرجي، ڪنهن جو هٿيار نه بڻجڻ گهرجي: سهيل آفريدي

اسان جي ليڊر بابت ناانصافي تي ٻڌل فيصلو ٻڌايو ويو آهي، اسان کي 26هين آئيني ترميم ڪان اڳ به انصاف نه مليو

اسان جون عدالتون رکيو فيصلا ڪري رهيون آهن، ڪير سمجهي ٿو ته اهو انهن جي حڪومت آهي ۽ سياسي هر ڀيري ڪٺاءَ آهن بلڪل به ناهي

اسلام آباد: وزيراعليٰ ڪي پي ڪي سهيل

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

آمريڪي صدر گرين ڪارڊ لاٽري پروگرام معطل ڪري ڇڏيو

براڪون يونيورسٽي ۽ ميساچوسٽس انسٽيٽيوٽ ۾ شڪي جوابدار آمريڪا ۾ داخل ٿيو هو

ٽرمپ جي هدايت تي آمريڪي شهريت ۽ اميگريشن بابت کاتي کي پروگرام روڪڻ جو حڪم ڏنو ويو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ گرين ڪارڊ لاٽري پروگرام معطل ڪري ڇڏيو جنهن ذريعي براڪون

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

سپريم ڪورٽ ۾ مالياتي معاملن جي ڊجيٽلائيزيشن اولين ترجيح آهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

اي جي پي آر ڪامران رشيد چيف جسٽس آف پاڪستان يحيٰ آفريدي سان ملاقات ڪئي، ڊجيٽل نظام تي بريفنگ

مالي وصولين جي نظام کي بئنڪ سان هم آهنگ ڪرڻ گهرجي، عدالتي فيس، سيڪيورٽيز ۽ ٻي رقم ڊجيٽل ذريعن سان جمع ڪرائي سگهجن: چيف جسٽس

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي عدالتي نظام ۾ مالياتي نظم ۽ ضبط کي جديد رخن تي هموار ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڀريندي چيو آهي ته سپريم ڪورٽ ۾

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ مقرر تاجڪستان جي سفير جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان پاڪستان ۾ تاجڪستان جي سفير شريف

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

اولهه بنگال: وزيراعليٰ نتيش ڪمار خلاف عورتن جو احتجاجي مارچ

ڀارتي رياست بنگال ۾ ڪيترين ئي عورتن ڪولڪته جي روڊن تي نڪري آيون

مسلمان ڊاڪٽرياڻي جو نقاب سرعام هٽائڻ جي ذميواري وزيراعليٰ نتيش خلاف نعريبازي

ڪولڪته (اي پي پي) ڀارتي رياست بنگال

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

پي ٽي آءِ باني کي ڪنهن ٻي جيل منتقل نه ڪيو وڃي: راڻا ثناءُ الله

جيڪڏهن هو سان صرف ملاقاتون ڪيون وڃن ته حڪومت کي ڪو به اعتراض ناهي

چنيوٽ (اي پي پي) سياسي معاملن بابت وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءُ الله چنيوٽ ۾ پي پي پي سينٽرل پنجاب جي جنرل

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

توشه خانا ڪيس کي سياسي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي: طلال چوڌري

قانون ۾ مقبوليت يا سياستدان هئڻ بي گناهي جو دليل ناهي هوندو، قانون سڀني لاءِ برابر آهي

جيڪڏهن تحفا وصول ڪيا ويا، جمع نه ڪرايا ويا ۽ ان جي غلط قيمت لڳائي وئي ته اهو واضح ڏوهه آهي

فيصل آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي ته توشه خان ڪيس هڪ سادو واضح ۽

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

اسان کي تحريڪ جو نالو بحالي آئين پاڪستان رکڻ گهرجي ها: بئرسٽر گوهر

۾ سان ٻيهرين اقتدار ۾ آيل حڪومت وٽ ساڌي اڪثريت نه هئي، اسان جو مينڊيٽ ڪسيو ويو

سپريم ڪورٽ جي جسٽس اعجاز الحسن کي چيو ويو ته 12 وڳي کان اڳ گهر هليا وڃو

اسلام آباد: پي ٽي آءِ چيئرمين بئرسٽر گوهر چيو ته اسان پنهنجي سياسي تحريڪ جو نالو تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان رکيو پر حالتون ٻڌائين ٿيون ته اسان کي اهو نالو تحريڪ بحالي آئين پاڪستان رکڻ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

پي ٽي آءِ سان مزاحمت لاءِ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون: ايمان مزاري

پي ٽي آءِ مقبول ترين جماعت آهي، عوام عمران خان کي مينڊيٽ ڏنو

اسلام آباد (م د) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي قومي ڪانفرنس ۾ خطاب ڪندي وڪيل ايمان مزاري چيو آهي ته پي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

اسان هر قسم جي دهشتگردي جا مخالف آهيون: شازيه عطا مري

کيرو (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اطلاعات سيڪريٽري ايم اين اي شازيا عطا مري کيرو جي ميونسپل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2



بقايا 1 سزا ٻڌائي ڇڏي

عدالت نه پهرين عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي پي پي سي جي قلم 409 تحت، 7، 7 سال قيد جي به سزا ٻڌائي وئي ۽ ٻنهي کي گڏيل طور تي 17 سال سزا ٻڌائي وئي، عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي هڪ ڪروڙ 64 لک رپيا ڏنڊ جي سزا پڻ ٻڌائي ...

سالياتي معاملن جي ڊجيٽلائيزيشن سنڌس ترجيحن ۾ سڀ کان مٿي آهي ...

آئين بلڪل ٻه ناهي عمران خان ۽ سندس زال بي گناهه آهن انهن جي خلاف ڪوڙا ڪيس جوڙيا ويا ...

آمريڪا ۾ ڪرڪيٽ جي ترقي لاءِ نوان رستا ڳولهڻ تي به اتفاق ٿيو

بقايا 6 راڻا ثناءُ الله

سيڪريٽري سيد حسن مرتضيٰ جي والد جي لاڏاڻي تي تعزيت لاءِ رحوم سادات پهتو ...

ثابت ٿيو هن چيو ته دوست ملڪن طرفان ڏنل تحفا قومي امانت هوندا آهن ...

دفاعي پائيداري پاڪستان تي عالمي اعتماد جو ثبوت آهي اها پاڪستان جي ڪاميابي آهي ...

بقايا 11 شازيه عطا مري

ڪاميٽي کي فور باءِ فور ايمبولينس ڏيڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي عام ماڻهن جي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ واري مشن تي هلندي ...

نعيش ڪمار خلاف شديد احتجاج ڪيو ...

بقايا 13 ملاقات

بقايا 14 افتتاح

بقايا 8 اضافو ريڪارڊ

بقايا 9 ايمان مزاري

بقايا 7 طلال چوهدري

بقايا 4 معطل ڪري ڇڏيو

بقايا 5 ملاقات

بقايا 3 سهيل آفريدي

بقايا 10 بئرسٽر گوهر

گهرجي ها، ته سال پهرين اقتدار ۾ آيل حڪومت وٽ سادي اڪثريت نه هئي، اسان جو مينڊيٽ ڪسيو ويو سپريم ڪورٽ جي جسٽس اعجاز الحسن کي چيو ويو ته 12 وڳي کان اڳ گهر هليا وڃو جيڪڏهن هو گهر نه وڃي ها ته اڄ چيف جسٽس هجي ها، اڄ جسٽس جهانگيري سان به اهو ٿي ڪيو ويو آهي

بقايا 12 6ڇڙا گرفتار

۾ ڪيٽرين ٽي عورتون گاڏي واري شهر ڪولڪتا جي روڊن تي نڪري آيون ۽ مسلمان ڊاڪٽرياڻي جو نقاب سرعام هٽائڻ جي ڏوهاري فعل خلاف بهار جي وزيراعليٰ

خاتون اول ان موقعي تي چيو ته بختاور ڪيڊٽ ڪاليج ۾ نياڻين کي تعليم ڏئي انهن کي با اختيار بڻايو پيو وڃي هن چيو ته ڪيڊٽ ڪاليج سڄي ملڪ مان 423 شاگردن کي تعليم فراهم ڪري رهيو آهي عورتن کي بااختيار بڻائڻ پاڪستان جي روشن مستقبل جي ضمانت آهي هن ان موقعي تي آرٽ اينڊ سائنس ايگزيبيشن جو پڻ افتتاح ڪيو

آفريدي جو چوڻ آهي ته اڄ منهنجي ليڊر بابت ناانصافي تي ٻڌل فيصلو ٻڌايو ويو آهي، اسان کي 26هين آئيني ترميم کان اڳ به انصاف نه مليو ان کان پهرين به ادارا ۽ جمهوري ادارا مفلوج هئا، پي ٽي آءِ باني بايو ميٽرڪ ذريعي چونڊون ڪرائڻ چاهي پيو اسان جون عدالتون رڳو فيصلا ڪري رهيون آهن ڪير سوچي ٿو ته اڄ انهن جي حڪومت آهي ۽ سڀاڻي هو ٻجي ويندا ته

سيپٽمبر 2024ع ۾ ايف آءِ اي جاچ ڪانپوءِ چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو هو توشا خانا جي ٻئي ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بي تي 12 ڊسمبر 2024ع تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو هو ياد رهي ته توشا خانا جي پهرئين ڪيس ۾ عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي بري ڪري ڇڪي آهي

بقايا 2 يحيٰ آفريدي

وٽ ڪئي ترجمان مطابق ان موقعي تي آمريڪي سيڙپڪارن جي پاڪستان سيڙليگ ۾ دلچسپي تي ڳالهه ٻولهه ٿي اسڪيٽسن سينٽرز ۽ سلمان نصيب آمريڪا ۾ ڪرڪيٽ جي واڌارڻ دلچسپي لاءِ مختلف پلانز تي غور به ڪيو قونصل جنرل پي ايس ايل جي ورڪنگ ۽ ان جي واڌارڻ مقبوليت بابت چاڻڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي ترجمان مطابق ملاقات ۾

ڪراچي ۾ شاهراهه ڀٽو جي تعمير لاءِ زمين جو قبضو نه ڏيندڙ زميندار سميت 6 ڄڻا گرفتار، مظاهرو

مزاحمت ڪرڻ تي پوليس مقامي زميندار عظيم دهڪان سندس پيڻ سميت ڇهه ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

اطلاع تي وڏي انگ ۾ ماڻهو نيشنل هاءِ وي تي نڪري آيا، ٽائر ساڙي روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهراهه ڀٽو (اڳوڻي ملير ايڪسپريس وي) جي انٽرچينج جي تعمير لاءِ زمين قبضي ۾ وٺڻ خلاف مزاحمت ڪرڻ تي پوليس مقامي زميندار عظيم دهڪان سندس پيڻ سميت وڌيڪ ڇهه ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو ذريعن موجب گرفتار ڪيل ماڻهن کي بعد ۾ نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي گرفتاري جي خبر ملندي ئي وڏي انگ ۾ ماڻهو ملير نيشنل هاءِ وي تي نڪري آيا، جتي ٽائر ساڙي روڊ بند ڪري ڌرڻو هنيو ويو واضح رهي ته سنڌ حڪومت طرفان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت شاهراهه ڀٽو جي انٽرچينج جي تعمير جو منصوبو جاري آهي، جنهن لاءِ زمين گهربل آهي ان مقصد لاءِ عظيم دهڪان جي موروثي زمين استعمال ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو جڏهن ته عظيم دهڪان جو چوڻ آهي ته انٽرچينج جي نقشي ۾ مناسب تبديلي آڻي سندس زمين کي محفوظ رکيو وڃي ذريعن موجب عظيم دهڪان ۽ سندس گهر ڀاتين زمين حاصل ڪرڻ واري فيصلي خلاف احتجاج ۽ مزاحمت ڪئي جنهن تي پوليس ڪارروائي ڪندي کين حراست ۾ ورتو ياد رهي ته ساڳئي معاملي تي عظيم دهڪان کي اڳ به هڪ ڀيرو گرفتار ڪيو ويو هو واقعي کان پوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي، جڏهن ته علائقي وارن گرفتارين تي ڳڻتي ظاهر ڪندي واقعي جي شفاف جاچ جو مطالبو ڪيو آهي

پارليامينٽيرين، سياستدانن، ڪامورن سميت 370 ماڻهن تي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ تي پابندي

وفاقي گهرو وزارت پاران قومي، صوبائي اسيمبلين، سينيٽ جي ميمبرن، سياستدانن تي ٻڌل لسٽ اميگريشن انتظاميا کي فراهم

ڪامورن، صنعتڪارن، وڪالت ۽ ٻين طبقن سان تعلق رکندڙ 370 ماڻهن جي لسٽ تيار ڪري اختيارين کي ڏني وئي

ميونسپل ڪمشنر افضال زيدي کي پاسپورٽ بلاڪ ٿيڻ تي ڪراچي ايئرپورٽ تان واپس ڪيو ويو، سياستدان محمد علي شيخ جو پاسپورٽ بلاڪ

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) وفاقي گهرو وزارت ٽئين سال جي لاءِ ملڪ کان ٻاهر ويندڙ قومي صوبائي سينيٽ جي ميمبرن سياستدانن ڪامورن صنعتڪارن وڪيل ۽ ٻين طبقن سان تعلق رکندڙ 370 ماڻهن جي لسٽ تيار ڪئي آهي جيڪا ڪراچي لاهور اسلام آباد، پشاور ڪوئيٽا، گلگت آزاد ڪشمير سميت ملڪ جي ٻين ايئرپورٽن تي اميگريشن انتظاميا کي لسٽ فراهم ڪئي وئي آهي، اٿيس هاءِ ويز ۽ سي پورٽن جي اختيارين کي پڻ آگاهه ڪيو ويو آهي سنڌ مان 215 ماڻهو شامل آهي 80 ماڻهن جا پاسپورٽ بلاڪ ڪيا ويا آهن ميونسپل ڪمشنر افضال زيدي کي پاسپورٽ بلاڪ ٿيڻ تي ڪراچي ايئرپورٽ تان واپس ڪيو ويو مشهور سياستدان محمد علي شيخ کي به ڪراچي کان دبئي ويندي پاسپورٽ بلاڪ ڪيو ويو آهي

غيرقانوني پرڏيهه ويندڙ ۽ شڪي دستاويز رکندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت هيٺ انساني اسمگلنگ جي خاتمي ۽ غير قانوني طور پرڏيهه سفر ڪندڙن خلاف قدمن تي جائزه اجلاس ٿيو

پرڏيهه سفر ڪندڙ مسافرن جي آف لوڊنگ جي شڪايت تي گهرو وفاقي وزير پاڻ ايئرپورٽس وڃي صورتحال جو جائزو وٺن: شهباز شريف

ملندڙ سان انساني اسمگلنگ ۽ پرڏيهه ملڪ غير قانوني طور سفر ڪندڙ پاڪستانين جي انگ ۾ 47 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي: بريفنگ

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف انساني اسمگلنگ جي خاتمي لاءِ لاڳاپيل ادارن جي ڪاوشن کي ساراهيندي چيو آهي ته غير قانوني طور پرڏيهه جو ... پرڏيهه ۾ ملازمت لاءِ ويندڙن کي سفر دوران ڪنهن رڪاوٽ کي منهن نه ڏيڻو پوي هن چيو ته اميگريشن جو نظام بهتر بڻائڻ جي حوالي سان ٽيڪنالاجي جو ڀرپور ... ٻڌائي ويندي ته جيئن امڪاني طور تي غير قانوني سفري دستاويز ڀرڀيان کان ئي دستياب هجن مسافرن جي ڊيٽا جي حوالي سان موبائل فون ايپليڪيشن تيار ڪئي پئي وڃي، ايف آءِ اي جي آءِ بي ايم ايس ۽ آءِ ٽي سيڪشنز جي ري اسٽرڪچرنگ ڪئي پئي وڃي، غير قانوني سفر روڪڻ لاءِ مصنوعي ذهانت جو استعمال ڪيو پيو وڃي.

مڪمل سفري دستاويز رکندڙ مسافر ان سان متاثر نه ٿين هن پروٽيڪٽوريٽ آف اميگريشن جي ڪارڪردگي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ وفاقي جاچ اداري ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن سان هم آهنگي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي ته جيئن قانوني طور تي ... ۾ ڪريشن ثابت ٿيڻ تي 196 آفيسرن ۽ اهلڪارن کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو آهي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ايئرپورٽس تي اي گيٽس جو نظام فعال بڻائڻ تي ڪم جاري آهي. ان کان علاوه اي پي آءِ- پي اين آر جي ڊيٽا ذريعي ٽائين پهچ ممڪن

سنڌ جي تهذيب امن ۽ محبت انسانيات جي ڳالهه ڪئي آهي: سيد سردار علي شاهه

پاڪستان نيوي جي انڊر ۾ جيڪي به ڪيڊٽ ڪالجز آهن بهترين ڪالجن مان هڪ آهن

ايندڙ بجيٽ ۾ ڪيڊٽ جي تعميراتي اسڪيمن ۾ اضافي رقم جاري ڪري کين جلد مڪمل ڪيو ويندو

ڄام نواز علي (ن ع) ڪيڊٽ ڪاليج سانگهڙ جي سالياني 29 هين يوم والدين جي تقريب، مهمان خاص وزير تعليم سيد سردارعلي شاهه کي ڪيڊٽ جي چاڪ چوبند دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو ۽ ڪيس سلامي ڏني وئي ڪاليج جي ڪمانڊنٽ ۽ پرنسپال ذيشان علي پاران آيل مهمانن کي ڀلي ڪار ڪيو ۽ پنهنجي آجياڻي خطاب ڪندي ڪاليج جي سالياني رپورٽ پيش ڪئي ۽ مهمان خاص کي سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ان موقعي تي مهمان خاص صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهه پنهنجي خطاب ۾ ڪيڊٽ ڪاليج تعليمي نصابي ۽ غيرتدرسي سرگرمين جي وکاڻ ڪئي ۽ هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي تهذيب امن ۽ محبت انسانيات جي ڳالهه ڪئي آهي اهي ڳالهيون سليبس ۾ پڙهايو وڃن ڪلاميٽ جي تبديل جي سبب سنڌ جا ويهه هزار اسڪول سخت متاثر ٿيا انهن جي بحالي جي چيلينج کي منهن ڏنو هن چيو ته خوشي جي ڳالهه آهي ته جو اسان وٽ 11 کان 12 ڪيڊٽ ڪالجز آهن جن ۾ به گرلز ڪيڊٽ ڪالجز آهن جڏهن ته مٺي ۽ بدين ۾ ڪيڊٽ ڪالجن جو ڪم جلد مڪمل ڪيو ويندو پاڪستان نيوي جي انڊر ۾ جيڪي به ڪيڊٽ ڪالجز آهن بهترين ڪالجن مان هڪ آهن ايندڙ بجيٽ ۾ ڪيڊٽ جي لاءِ هلندڙ تعميراتي اسڪيمن ۾ اضافي رقم جاري ڪري کين جلد مڪمل ڪيو ويندو ان موقعي تي پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۾ ٽرافيون شيلڊ، سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ايم پي اي ڄام شبير علي خان، ايم پي اي شاهد ٿهيم، ڊي سي سانگهڙ، ايس ايس پي سانگهڙ عابد علي بلوچ، رئيس اسام خان مري، ڊپٽي ڊائريڪٽر هيلٿ سنڌ ڊاڪٽر صادق علي بلوچ، سيد گل حسن شاهه سميت والدين جو وڏو انگ شريڪ ٿيو پي ٽي شو ۾ ڪيڊٽس پاران جمناسٽڪ گهوڙي سواري ۽ ٻيا ڪرتب پيش ڪيا مهمان خاص ۽ والدين پاران پي ٽي شو گهڻي دلچسپي جو مظاهرو ڪيو

ڪراچي ۾ هٿياربند دڪان مان لکين رپيا ماليت جا موبائل فون ڦري فرار

ڊيفنس بدر ڪمرشل جي ويجهو موبائل فون جي دڪان ۾ ڌاڙيل داخل ٿي ڦرلٽ ڪئي

صوبائي گهرو وزير واقعي جو نوٽيس ورتو ۽ ايس ايس پي ضلعي ڏکڻ کان رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڊيفنس بدر ڪمرشل جي ويجهو موبائل فون جي دڪان ۾ ڌاڙيل داخل ٿي لکين رپين جي ماليت جا 40 کان وڌيڪ موبائل فون ڦري فرار ٿي ويا. سنڌ جي گهرو وزير واقعي جو نوٽيس ورتو ۽ ايس ايس پي ضلعي ڏکڻ کان رپورٽ طلب ڪئي. ڪراچي موبائل اينڊ اليڪٽرانڪس ڊيلرز ايسوسيئيشن جي صدر منهاج گلفام به ڦر ٿيل موبائل فون جي دڪان تي پهتو ۽ چيو ته متاثر دڪاندار موجب ڌاڙيل 9 لک رپين کان وڌيڪ ماليت جا 40 کان وڌيڪ موبائل فون ڦري فرار ٿي ويا. هن اعليٰ پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي ملزمن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ چوري ٿيل موبائل فون واپس ورتا وڃن. واقعي جو نوٽيس وٺندي سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار فوري طور تي ايس ايس پي ڏکڻ کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪئي آهي سنڌ جي گهرو وزير واضح هدايتون ڏنيون آهن ۽ چيو آهي ته شهرين ۽ واپارين جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي اولين ترجيح آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪا به غفلت برداشت نه ڪئي ويندي.سنڌ جي گهرو وزير ڦرلٽ ۾ ملوث جوابدارن جي فوري گرفتاري ۽ چوري ٿيل موبائل فونن جي جلد بازيابي کي يقيني بڻائڻ جا حڪم جاري ڪيا آهن هن چيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ جديد جاچ ٽيڪنالاجي ۽ پيشيور پوليسنگ جا سڀئي وسيلا استعمال ڪيا وڃن جڏهن ته واقعي ۾ ملوث سهولتڪارن کي به انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ضياءُ الحسن لنجار وڌيڪ هدايت ڪئي ته ڦرلٽ جي واقعن ۾ ملوث گروهن خلاف ٽارگيٽڊ ڪارروائي ۽ انٽيليجنس تي ٻڌل ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪيون وڃن

بلوچستان جي لاپتا ماڻهن جو آواز، تاريخ جو ڊگهو لانگ مارچ ڪندڙ ماما قدير بلوچ لاڏاڻو ڪري ويو

ماما قدير 2009ع ۾ پنهنجي پٽ جلال جي جبري گمشدگي ۽ قتل کانپوءِ سنجيده جدوجهد شروع ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچ انساني حقن جي معروف اڳواڻ ۽ اداري وائس فار بلوچ مسنگ پرسنز جي نائب صدر ماما قدير ريڪي بلوچ ڪراچي جي آريا اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويا. ماما قدير ريڪي بلوچ سن 2009ع ۾ پنهنجي پٽ جلال جي جبري گمشدگي ۽ پوءِ قتل کانپوءِ بلوچ جبري لاپتا ماڻهن جي مسئلي تي سنجيده جدوجهد شروع ڪئي هن انساني حقن لاءِ پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي ۽ جبري گمشدگين خلاف ملڪ توڙي عالمي سطح تي آواز بلند ڪيو سن 2009ع ۾ ماما قدير ڪوئيٽا کان اسلام آباد تائين هڪ ڊگهو لانگ مارچ ڪيو جنهن ذريعي بلوچ جبري لاپتا ماڻهن جو مسئلو اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هن لانگ مارچ ۾ شهيد بانو ڪريمه، فرزانه مجيد ۽ ٻين بلوچ انساني حقن جي ڪارڪنن شرڪت ڪئي هئي لانگ مارچ دنيا جي سڀ کان وڏين احتجاجي ريليز مان هڪ قرار ڏنو ويندو آهي.

ڪراچي: شاهراهه ڀٽو جي تعمير لاءِ قبضو نه ڏيڻ تي گرفتار زميندار ٻڌي طرف مظاهري جو ڏيک

گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي جو مارگلا انڪلير پراجيڪٽ جو دورو

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي گذريل ڏينهن مارگلا انڪليو پراجيڪٽ جو دورو ڪيو ۽ سائيٽ تي جاري ترقياتي ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو. گهرو وزير چيو ته ترقياتي ڪمن جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي وڃي، منصوبي کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا استعمال ۾ آندا پيا وڃن هن چيو ته ان منصوبي ۾ شهرين لاءِ خوبصورت لوڪيشن سان گڏ جديد ۽ معياري سهولتون فراهم ڪيون وينديون ۽ پوزيشن انشاءَ الله فيبروري ۾ ڏني ويندي گهرو وزير برساتن سبب ڪم ۾ ٿيل دير جو ذڪر ڪندي چيو ته ورڪ فورس وڌائي ان دير جو ازالو ڪيو پيو وڃي ان موقعي تي سي ڊي اي چيئرمين محمد علي رنڌاوا ۽ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر ترقياتي ڪمن جي حوالي سان بريفنگ ڏني

سرينگر، ڪشمير وادي ۾ ٿڌ جي شدت ۾ اضافو

سرينگر (اي پي پي) ڀارت جي غير قانوني قبضي هيٺ والاريل ڪشمير جي اڪثر علائقن ۾ ٿڌ جي شدت ۾ اضافو ٿي ويو آهي، ڪشمير ميڊيا سروس موجب سرينگر ۾ گذريل رات گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 2.1 ڊگري سيلسيس رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته سرينگر سميت وادي جا ٻين علائقن ۾ شديد ڪوهيڙو رهيو، وادي جي مشهور سياحتي ماڳ گلمرگ ۾ گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 10 سليسيس رڪارڊ ڪيو ويو ٻئي پاسي ڪشمير وادي ۾ اڄ 21 ڊسمبر کان شديد ٿڌ جي موسم "چلائي ڪلان" جي شروعات ٿي وئي آهي جيڪا 30 جنوري تائين جاري رهندي چلائي ڪلان دوران وادي ۾ برفباري جو امڪان هوندو آهي ۽ سڄي وادي ۾ گرمي پد تيزي سان گهٽجي ويندو آهي

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل بلڊنگس ڊويزن شهيد بينظير آباد

(اي ميل: xenpbd.nawabshah@gmail.com، فون/فيڪس: 0244-9370143)

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

حوالو: نمبر TC/G-55/1764 تاريخ: 15/12/2025

سنگل اسٽيج ٽو اينوليپس پروسيجر واڪ جي عمل تحت سيل ٿيل ٽينڊر هتي سيني ٺيڪيدارن / فرمن کان طلب ڪيا ويا آهن جيڪي پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان لاڳاپيل فيلڊ ۽ مناسب ڪيٽيگري ۾ رجسٽرڊ آهن. SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل-2019) جي مطابق الڳ مهربند ٿيل لفافن ۾.

نمبر	ڪم جو نالو	ڪٿيل رقم	تڪميل جو مدو	واڪ ڪاغذن جي لاڳت
01	دولت پور تعلقي قاضي احمد ضلعي شهيد بينظير آباد (اندروني روڊ) ۾ حادثو ۽ ايمرجنسي سينٽر جي تعمير.	11.900	06 مهينا	3000
02	پريا روڊ ضلعي نوشهروفيروز ۾ بي ايڇ يو کي آر ايڇ سي بلڊنگ ۾ اپ گريڊيشن (بيروني ترقي)	6.100	12 مهينا	3000
03	پريا روڊ ضلعي نوشهروفيروز ۾ بي ايڇ يو کي آر ايڇ سي بلڊنگ ۾ اپ گريڊيشن (ڪمپائونڊ وال آءِ/سي اسٽيل گيٽس 02- عدد).	6.400	12 مهينا	3000
04	دريا خان مري ضلعي نوشهروفيروز ۾ آر ايڇ سي بلڊنگ جي مرمت ۽ بحالي (ڪمپائونڊ وال آءِ/سي اسٽيل گيٽس 02-عدد)	6.450	12 مهينا	3000
05	ڳوٺ قلندر بخش مبيجو ضلعي نوشهروفيروز ۾ سنڌ ۾ وٽرنري سينٽرز (PHASE-III) جو قيام.	7.700	12 مهينا	3000

واڪن/ٽينڊرن جي اجراءَ/وصول ڪرڻ ۽ کولڻ لاءِ پروگرام

نمبر شمار	تفصيل	پهريون پيرو	ڪمن کي موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ ٻيون پيرو
1.	درخواست جي وصولي ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ اخبار ۾ اين آءِ ٽي جي اشاعت کان صبح جو 9:15 تائين (ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن).	06-01-2026	21-01-2026
2.	ٽينڊر صبح 9:30 وڳي تائين واپس وصول ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 10:30 وڳي تائين کوليا ويندا.	07-01-2026	22-01-2026

2- قابليت/لازمي:

i. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽ جون 2026 تائين ۽ ان کانپوءِ ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.

ii. (اي) گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو ڪم جنهن جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪم جي تخميني قيمت جو 80 سيڪڙو هجي (بي) گهٽ ۾ گهٽ ٻه ساڳئي نوعيت جا ڪم جن مان هر هڪ جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت ڪٿيل قيمت جو 50 سيڪڙو هجي. گذريل پنجن سالن دوران مڪمل ٿيل هجي ۽ مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽ. تفصيلي ڪم ڪندڙ تخميني جي تصديق ٿيل ڪاپين ۽ SPPRA ID جي تصديق ٿيل هجي جنهن ۾ واڪ جي تشخيص رپورٽ ڊيڪاريل هجي.

iii. فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل عملي جي بايو ڊيٽا.

iv. سالانو گهٽ ۾ پيرا سالانو ٽرن اوور، گذريل (03) سالن ۾ لاڳو ڪيل ڪم جي اندازي مطابق قيمت (ٽرن اوور جو جائزو سالياني ريٽرن ۽ آڊٽ رپورٽن مان ورتو ويندو).

v. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل 3 سالن جون ساليانيون آڊٽ رپورٽون. (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کانسواءِ جاري ڪيل آڊٽ رپورٽون قبول نه ڪيون وينديون.

vi. مشينري ۽ سامان جي فهرست جيڪا ان جي ملڪيت / ڪرائي تي / قبضي جي دستاويزي ثبوت سان گڏ موجود آهي.

vii. ڪم جي ڪٿيل قيمت جي گهٽ ۾ گهٽ 15% (گذريل 3 سالن لاءِ هر سال سراسري بيلنس) جي ڪريڊٽ قابليت ڊيڪاريندڙ بينڪ جو سرٽيفڪيٽ. بينڪ اسٽيٽمينٽ سان گڏ. هر سال لاءِ الڳ الڳ مهيا ڪيو وڃي جيڪو 1 جولاءِ کان 30 جون تائين گذريل 3 سالن لاءِ ۽ تازو بينڪ سرٽيفڪيٽ شامل ڪيو وڃي جيڪو موجود بيلنس ڊيڪاري ٿو.

viii. انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ (NTN) سرٽيفڪيٽ) سان رجسٽريشن. فيڊرل بورڊ آف روينيو سان ايڪٽيويٽ اسٽيٽس سان.

ix. گذريل ٽن سالن جا سالياني آمدني ٽيڪس ريٽرن.

x. سنڌ روينيو بورڊ حڪومت سنڌ (ايس آر بي) جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (فعال حيثيت سان).

xi. ٽينڊرز کي احتياط ۽ صاف سٿري نموني سان ڀريو ويندو ۽ واڪ ڏيندڙن پاران صحيح ڪيا ويندا. هر واڪ سان گڏ ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل بلڊنگس ڊويزن شهيد بينظير آباد جي حق ۾ 5% ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ هر واڪ جي خلاف بيان ڪيل ضمانتي رقم شامل هجڻ گهرجي. ٽيڪنيڪل تجويزن سان گڏ واڪ سيڪيورٽي جمع ڪرائي ويندي. نامڪمل ٽينڊر، اوور رائيٽنگ يا مشروط ٽينڊرز قبول نه ڪيا ويندا.

xii. ٽيڪنيڪل تجويز جي هر صفحي تي فرم / ڪمپني جي مالڪ طرفان نمبر ۽ تصديق ٿيل هجڻ گهرجي. ان سان گڏ ان جي مهر به هجي.

xiii. اليڪٽرڪ لاءِ لاڳاپيل علائقي جي اليڪٽرڪ انسپيڪٽر کان اليڪٽرڪ لائسنس پڻ لازمي آهي.

3. خريداري جو طريقو (هڪ مرحلو ٻه لفافا) جيئن SPPRA قاعدي 46 شق (2) مطابق.

4. واڪ/ٽينڊر ڏيڻ وارا دستاويز:

i. معاهدي جا دستاويز ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا SPPRA جي سرڪاري ويب سائيٽ يعني "e.pprasindh.gov.pk" تان ڏسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر جي فيس 3000 روپيا آهي ۽ مٿي ذڪر ڪيل واڪ سيڪيورٽي صرف ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ پاڪستان جي ڪنهن به شيڊيول بينڪ مان ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پراونشل بلڊنگس ڊويزن شهيد بينظير آباد جي حق ۾ (فرم جو نالو) جي حساب سان ٽيڪنيڪل واڪ / ٽينڊر سان ڳنڍيل هجڻ گهرجي، ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.

ii. سي ڊي-آر کان سواءِ واڪ سيڪيورٽي جو طريقو قبول نه ڪيو ويندو.

iii. مڪمل ٽيڪنيڪل تجويز جي تشخيص لاءِ تشخيصي معيار، ذيلي معيار، ها/نه يا پاس/ناڪام تي ٻڌل آهي: جيڪڏهن ڪو واڪ ڏيندڙ ڪنهن به معيار يا ذيلي معيار ۾ ها يا پاس حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو ته پوءِ اهو اهل نه هوندو.

iv. ٽينڊر خريداري ڪميٽي / حصو وٺندڙ ٺيڪيدارن / فرمن ۽ انهن جي مجاز نمائندن جي موجودگي ۾ کوليو ويندو. جيڪي شايد موجود هجڻ چاهين.

v. واڪ ۾ هڪ پئڪيج هوندو جنهن ۾ ٻه الڳ الڳ لفافا هوندا. هر لفافي ۾ الڳ الڳ مالي تجويز ۽ ٽيڪنيڪل تجويز هوندي. مونجهاري کان بچڻ لاءِ لفافي تي تلهي ۽ پڙهڻ واري اکرن ۾ ٽيڪنيڪل تجويز ۽ مالي تجويز جو نشان لڳايو ويندو.

vi. ٽيڪنيڪل تجويز کوليو ويندو. فرمن جي ٽيڪنيڪل قابليت لاءِ جائزو ورتو ويندو. ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ فرمن جا مالي واڪ / تجويزون ان تاريخ تي کوليون وينديون جيڪي سيني قابليت رکندڙ ٺيڪيدارن / فرمن کي اڳوات لکت ۾ ٻڌايون وينديون. ٽيڪنيڪل طور تي غير جوابدارن جا مالي واڪ / تجويزون لاڳاپيل واڪ ڏيندڙن کي بغير کولڻ جي واپس ڪيون وينديون.

vii. ٽيڪنيڪل طور تي جوابده واڪ ڏيندڙن جا سي ڊي-آر جيڪي وڌيڪ قيمت جي ڪري رد ڪيا ويا آهن. ڪامياب واڪ ڏيندڙ کي ڪم آرڊر جاري ڪرڻ کان پوءِ واپس ڪيا ويندا.

viii. جيڪڏهن پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪو به ميمبر کولڻ جي تاريخ تي هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هوندو آهي. ته پوءِ واڪ ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول تي جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا.

ix. جوائنٽ وينچر جي اجازت نه هوندي.

x. تازو حلف نامو جنهن سان اهو ظاهر ٿئي ته پيش ڪيل سيئي دستاويز / تفصيل / مشينري جي معلومات سچي ۽ صحيح آهي. ڪمپني / فرم پاران مهيا ڪيل جعلي / عارضي يا غلط معلومات / سرٽيفڪيٽ جي صورت ۾ ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو.

xi. جديشل اسٽيمپ پيپر تي مالڪ جي تفصيل سان گڏ CNIC . هڪ نمائندي کي مالڪن کان جديشل اسٽيمپ پيپر تي اختيار هجڻ گهرجي.

xii. فرم جي صورت ۾، ڊائريڪٽرن / مالڪن يا ٻين جي مڪمل تفصيلن سان گڏ پاور آف اٽارني سان گڏ. اڪيلي مالڪ هجڻ جي صورت ۾ اهڙي قسم جي حلف نامي تي ضمانت فراهم ڪئي وڃي.

xiii. اسٽيمپ پيپر تي اهو ته فرم ڪنهن به کاتي جي ٽڪراءَ، ڇڏيل يا ڪنهن به ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾ غير ضروري دير سان ڪنهن به قسم جي قانوني ڪارروائي ۾ ملوث ناهي.

xiv. هن حوالي سان هڪ نئون حلف نامو ته فرم / ٺيڪيدار کي اڳ ۾ ڪنهن به ايگزيڪيوٽو ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.

xv. ٽينڊر مٿي ڏنل گهربل دستاويزن / معلومات سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجن. جيڪڏهن اهڙن گهربل دستاويزن / معلومات مان ڪو به غائب آهي ته پوءِ ٽينڊر تي پروڪيورمينٽ ڪميٽي طرفان غور نه ڪيو ويندو ۽ ڪو به عذر نه سمجهيو ويندو.

➤ جمع ڪرائڻ، پڇا ڳاڇا ۽ کولڻ جو هنڌ ۽ رابطو :

➤ ايڊريس: ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل بلڊنگس ڊويزن شهيد بينظير آباد.

5- شرط ۽ ضابطا:

اي) هيٺين شرطن تحت واڪ رد ڪيا ويندا:

i. ڪوبه مشروط / اليڪٽرانڪ ۽ ٽيليگرافڪ واڪ/ ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.

ii. واڪ جن سان گهربل رقم ۽ فارم جي اصل واڪ سيڪيورٽي شامل نه هجي.

iii. مخصوص تاريخ ۽ وقت کانپوءِ مليل واڪ

iv. بليڪ لسٽ ٿيل فرمون.

b. اصل واڪ سيڪيورٽي / پيشڪش جي رقم کانسواءِ ڪنهن به واڪ ڏيندڙ کي واڪ جي عمل جي اجازت نه هوندي.

c. واڪ جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن

d. پروڪيورمينٽ اٿارٽي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل هيستائين) جي ضابطن مطابق ڪنهن به يا سيني ٽينڊرن / واڪن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

e. سرڪاري موڪل / هڙتال جي صورت ۾ يا ڪنهن اڻٽندڙ واقعي جي ڪري، جمع ڪرائڻ / کولڻ جي تاريخ، جمع ڪرائڻ جي ساڳئي وقت سان ايندڙ ڪم ڪار وارو ڏينهن هوندو.

کولڻ:

7- جيڪڏهن پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪو به ميمبر کولڻ جي تاريخ تي هيڊ آفيس کان ٻاهر هوندو آهي ته واڪ ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول سان جمع ڪرايو ۽ کوليو ويندو.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل بلڊنگس ڊويزن شهيد بينظير آباد

INF-KRY.NO.4427/2025

i WORK FOR SINDH | JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

UNIVERSITY OF KARACHI

Tel: (021) 9926 1300-6 Ext: 2215 Tel/Fax: 9926 1350
Email: purchase@uok.edu.pk

Ref: P.O./0167-2025 Dated: 18, DEC 2025

TENDER NOTICE FOR

Procurement of Various Items for University of Karachi

هيٺ ڄاڻايل شين جي فراهمي لاءِ واڪ گهربل آهن. جيڪي Single Stage One Envelope Procedure Procurement Of Various Itemes جي لاءِ آهن. ۽ صرف اهڙيون معروف فرمون حصو وٺي سگهن ٿيون. جيڪيSRB، Sale Tax ۽ NTN سان گڏ رجسٽرڊ هجن.

شين جي وڌيڪ تفصيل، مقدار ۽ شرط ۽ ضابطا واڪ دستاويز ۾ درج آهن. واڪ ڏيندڙ/ سپلائر جو e-Pak Acquisition & Disposal System (EPADS) تي رجسٽرڊ هئڻ لازمي آهي. ته جيئن Procurement of various items جي هن ٽينڊر ۾ حصو وٺي سگهجي. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ EPADS تي هيٺ ڏنل لنڪ ذريعي آن لائين رجسٽريشن ڪرائي سگهن ٿا.

http://sindh.eprocure.gov.pk/#/auth/login

Bidding Documents جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، خريداري جو طريقو، آڇ جمع ڪرائڻ جو طريقو، Bid Security, Bid Validity, Opening of Bids, Evaluation Criteria / ڪليئرنس Performance Guarantee etc وغيره شامل آهن. جيڪي هيٺ ڄاڻايل آفيشل ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

(http://portalsindh.eprocure.gov.pk/#/)-(http://www.uok.edu.pk)

1. Procurement of Liveries for Security Guards
2. Procurement of Diesel Generator
3. Procurement of Local Papers

شرط ۽ ضابطا:

- هر واڪ سان گڏ ٽوٽل ڪانٽريڪٽ ويليو جي 2 سيڪڙو جي برابر Bid Security هئڻ لازمي آهي جيڪا University of Karachi جي حق ۾ Pay Order جي صورت ۾ Purchase Office ۾ واڪ کولڻ کان اڳ جمع ڪرائڻي هوندي.
- ٽينڊر فيس مبلغ 5000 رپيا (ناقابل واپسي) United Bank Limited جي اڪائونٽ نمبر. 1146-01004234 ۾ University of Karachi جي نالي سان جمع ڪرائڻي هوندي. اصل ڊپازٽ سلپ آن لائين ڊپازٽ رسيد واڪ سان گڏ منسلڪ ڪرڻي هوندي.
- سوٽي رقم کانسواءِ ايندڙ آڇن تي غور نه ڪيو ويندو. آڇ ٽينڊر جي دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن مطابق هئڻ گهرجي ۽ لازمي طور تي EPADS جي ذريعي 13-01-2026، صبح 11:30 وڳي تائين ڪرايا وڃن. مقرر وقت کانپوءِ وصول ٿيڻ وارا واڪ قابل قبول نه هوندا. واڪ انهيءَ ڏينهن منجهند 12:00 وڳي کوليا ويندا.
- اگهه لازمي طور تي حڪومت سنڌ طرفان وقت بوقت لاڳو ڪيا ويندڙ ٽيڪسز/ڊيوٽيز (جيڪڏهن هجن ته) سان گڏ هئڻ گهرجن. جيڪڏهن ٽينڊر کلڻ واري ڏينهن ڪنهن به قسم جي عام/مقامي موڪل ٿي وڃي ته ڪم جو ورندڙ ڏينهن ساڳئي مقصد لاءِ حتمي ڏينهن تصور ڪيو ويندو.
- يونيورسٽي آف ڪراچي کي اهو اختيار حاصل آهي ته هو ڪنهن به يا سمورن واڪن يا تجويزن کي ڪنهن به وقت رد ڪري ڇڏي جيئن ته SPPRA Rules 2010 تحت.

Purchase Officer
UNIVERSITY OF KARACHI

سنڌي ايڊيشن
انچارج :مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 21 ڊسمبر 2025ع

حڪومت ۽ ان جي سرپرستن طرفان ملڪ ۾ سياست ۽ طاقت جو جيڪو واچوڙو ڦيرايو ويو آهي، انهي ڪرپٽ سياستدانن کي ته موڳو ضرور ڪيو هوندو، پر عام ماڻهو جنهن ڪيترائي واقعا ۽ سانحا ڏٺا آهن، جن ۾ ذوالفقار علي ڀٽو کي قيد ڪرڻ، جلاوطنيءَ جي آڇ، ۽ نيٺ ڦاهي جي سزا ڏيڻ يا وري بينظير ڀٽو کي عوام کان پري رکڻ ۽ وطن واپس ورڻ جي صورت ۾ سنگين خطرن جون ڌمڪيون ڏيڻ ۽ نيٺ شهيد ڪرڻ جهڙا وڏا مثال به شامل آهن، ان عام ماڻهوءَ کي هاڻي به خبر آهي ته ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. مذهب، ملڪ ۽ احتساب جي نالي تي سياست ۽ ملڪ جي عدليه ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي. ان کان وڌيڪ اهو ته واڳ ڌڻين جا ترجمان عدالتي فيصلا اچڻ کان اڳ ئي ڌمڪين ۽ نتيجن جا قاتل بئنر بڻجي ٽي وي چئنل جي چوراهن تي لڙڪي رهيا آهن. ان ڪري عدالتن مان کهڙا به فيصلا اچڻا هجن، گهڻي ڀاڱي اڳين ئي ٿو ته ماڻهو اندازو لڳائي وٺن ٿا.

هاڻي به جڏهن اسلام آباد جي هڪ خاص عدالت اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس زال بشريٰ بي بي کي 'توشه خانه ڪيس ٽُو' ۾ مختلف قانوني شقن هيٺ مجموعي طور 17-17 سال قيد جي سزا ٻڌائي آهي ته ماڻهن کي عجب ڪونه لڳو آهي. ان سموري مٿئين ٿلهه ٻڌڻ جو مقصد اهو نه آهي ته ڪو عدالت جو هاڻوڪو فيصلو جائز يا ناجائز آهي، پر اها حقيقت آهي ته عدالتن تان ماڻهن جو اعتماد اٿين فيصلو ٻڌائي رهيو هو ته عمران خان پنهنجي زال سان عدالت جي ڪمري ۾ موجود هو" جج عمران خان کي ٽي پيرا ڊائس تي اچڻ لاءِ چيو، پر هن اچڻ کان انڪار ڪيو ۽ فيصلو ٻڌڻ بدران بشريٰ بي بيءَ سان ڳالهائڻ ۾ مصروف رهيو. جڏهن جج فيصلو ٻڌائي هليو ويو ته عمران خان پڇيو ته 'ڇا فيصلو اچي چڪو آهي؟' جڏهن خان کي ٻڌايو ويو ته کيس 17 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي آهي ته هو مرڪندو رهيو. عمران خان جيل ۾ موجود صحافين سان ڪا به ڳالهه ٻولهه نه ڪئي. پراسيڪيوٽر ذوالفقار نقوي، عمران خان جو وڪيل ارشد تبريز به عدالت جي ڪمري ۾ موجود هئا."

شهباز حڪومت 'توشه خانه ٽُو ڪيس' ۾ عدالت جي فيصلي کي وقت جي حڪومتن وانگر انصاف تي ٻڌل قرار ڏنو آهي. هڪ نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي سڏسماءَ واري وفاقي وزير عطا تارڙ جو چوڻ هو ته خاميون آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ هن فيصلي خلاف اپيل داخل ڪئي ويندي"

سلمان صفدر دعويٰ ڪئي ته عمران خان جي قانوني ٽيم کي گذريل رات اٺين وڳي ٻڌايو ويو ته 'توشه خانه ٽو ڪيس' جي ٻڌڻي صبح نائين وڳي اڊيالا ۾ ٿيندي، "خراب موسم ۽ ڪوهيڙي سبب موٽر وي بند هئڻ باوجود اسان تڙ تڪڙ ۾ لاهور کان اڊيالا ته پهتاسين، پر جج جوابدارن ۽ انهن جي وڪيلن جي غير موجودگيءَ ۾ فيصلو ٻڌائي ڇڏيو. جج کي اڄ دليل مڪمل ڪرڻا ۽ معاملو اڪلائڻو هو، پر جج 59 صفحن جو فيصلو لکي پاڻ سان گڏ آندو."

عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ تي الزام آهن ته هنن 2021ع ۾ سعودي عرب جي دوري دوران مليل بلگاري (زيورن ۽ خوشبوئن جي حوالي سان جڳ مشهور اطالوي لگزري فيشن هائوس) جي زيورن وارو سيٽ توشه خانه ۾ جمع نه ڪرايو هو. اهو سيٽ وزيراعظم جي زال کي سعودي ولي عهد محمد بن سلمان ڏنو هو. زيورن هاءِ ڪورٽ ان سزا کي رد ڪري ڇڏيو هو.

هاڻي توشه خانه ون ڪيس جي تازي فيصلي تي جيڪا تنقيد ٿي رهي آهي، ان ۾ فيصلي جي ٻولي به ٽٽول جي سبب بڻجي رهي آهي. جنهن ۾ عمر جي ڪري سزا ۾ نرميءَ جو ذڪر ڪيل آهي. تنقيد ڪندڙ چون ٿا ته "فيصلو پاڻ ڳالهائي ٿو." سوشل ميڊيا تي صحافي حامد مير جو چوڻ آهي ته "عمران خان ۽ سندس زال کي ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ سزا ٻڌائي وئي آهي. عدالت جي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته عمران خان جي عمر کي نظر ۾ رکندي فيصلو نرم ڪيو ويو آهي. ان تي ڪجهه به چوڻ جي ضرورت ناهي، فيصلو پاڻ ڳالهائي رهيو آهي." اهڙي طرح ٻين مبصرن فيصلي ۾ عمران خان جي عمر واري حوالي کي عجيب ۽ "نان پروفيشنل" ڪوٺيو آهي.

بهرحال! حڪومت ڇا به سمجهي، عام تاثر اهو جُڙي رهيو آهي ته اهڙن فيصلن سان ماضيءَ جي تاريخ ورجائجي رهي آهي، باقي ڪنهن به اڳواڻ کي اهڙين حرفتن سان سياست کان ٻاهر نٿو ڪري سگهجي، نه ئي ڪنهنجي مقبوليت گهٽائي سگهجي ٿي. اهڙا فيصلا حڪمران لاڏي جي خوف تان پردو ڪڻڻ کانسواءِ ڪجهه به ثابت ناهن ٿيندا.

عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي قيد جي سزا

فريد احمد



ڪجي رهيو آهي، جيئن پارلياماني نظام ۽ ووٽن جي اهميت تان ختم ٿي رهيو آهي.

بهرحال! تحريڪ انصاف هن فيصلي کي هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي، جڏهن ته حڪومت فيصلي کي انصاف تي ٻڌل قرار ڏئي رهي آهي. اسپيشل جج سينٽرل شاهه رخ ارجمند اڊيالا جيل اندر توشه خانه ڪيس ٽُو ۾ محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌايو ان مطابق عمران خان ۽ بشريٰ بي بي کي 10-10 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي، ۽ ٻنهي ڄڻن کي پاڪستان جي سزائن واري قانون جي شق 409 هيٺ ڌار 7-7 سال قيد جي سزا پڻ ٻڌائي وئي، جڏهن ته مٿن هڪ ڪروڙ چوهٽ لک رپين جو ڏنڊ پڻ وڌو آهي.

ان سزا خلاف عمران خان ۽ بشريٰ بي بي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اڊيالا جيل جي هڪ آفيسر موجب "عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي عدالت ۾ پيش ڪري فيصلو ٻڌايو ويو." جڏهن ته عمران خان جي قانوني ٽيم جي دعويٰ آهي ته فيصلو وڪيلن ۽ جوابدارن جي غير موجودگيءَ ۾ ٻڌايو ويو آهي.

جيل جي هڪ آفيسر جو چوڻ آهي ته "جڏهن جج "عمران خان ۽ بشريٰ بي بي ڪروڙين رپين جي تحفي جو ملهه صفا ڪيرائي سرڪاري خزاني ۾ ٿورا پئسا جمع ڪرايا. هِن ڪيس ۾ ڪيس مليل سزا '190 ملين پائونڊ ڪيس' واري سزا ختم ٿيڻ کان پوءِ شروع ٿيندي، هڪ پيرو 14 سالن جي سزا (190 ملين پائونڊ ڪيس ۾) ختم ٿيندي پوءِ 17 سالن جي سزا شروع ٿيندي"

'توشه خانه ٽو ڪيس' جي شروعاتي جاچ نيب ڪئي هئي ۽ پوءِ نيب بابت قانون ۾ ترميمن سبب ڪيس ايف آءِ اي ڏانهن منتقل ڪيو ويو. سيپٽمبر 2024ع ۾ ايف آءِ اي جاچ کان پوءِ چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو هو. 12 ڊسمبر 2024ع تي فرد جرم لاڳو ٿيو هو ۽ 08 نومبر 2024ع تي جوابدارن جي درخواست تي محفوظ ڪيو ويو هو.

جڏهن ته توشه خانه واري پهرين ڪيس ۾ عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي بري ڪري ڇڏيو هو. هاڻي جڏهن هِي فيصلو اچي چڪو آهي ته عمران خان جي وڪيل سلمان صفدر جو چوڻ آهي ته عمران خان هدايت ڪئي آهي ته فيصلي خلاف سمورا قانوني رستا اختيار ڪيا وڃن. "توشه خانه ون ۽ سائفر ڪيس وانگر، هن ڪيس جي هلٽيءَ ۾ به ڪيترين ئي جي ان سيٽ ۾ هڪ ڪنگڻ، مُنڊي، هار ۽ جهمڪا پڻ شامل هئا. منڊيءَ ۾ گلابي هيرو جَڙيل هو، ڪنگڻ پڻ گلابي هيرن ۽ ٻين جواهرن سان جڙايل هو ۽ هار ۾ به قيمتي موتي ۽ هيرا مڙهيل هئا.

مٿن اهو به الزام آهي ته اختيارن جو غلط استعمال ڪري هڪ نجي فرم کان زيورن جي سيٽ لاءِ 58 لک روپيا مُلهه لڳرائي ۽ رڳو 29 لک روپيا ڏئي مالڪي حاصل ڪئي وئي. جڏهن ته پرڏيهي آفيس ۽ سعودي عرب ۾ پاڪستاني سفارتخاني پاران عدالت ۾ جمع ڪرايل رڪارڊ موجب زيورن واري انهي سيٽ جي اصل قيمت ست ڪروڙ پندرهن لک رپين کان وڌيڪ آهي.

بهرحال توشه خانه 'ٽو ڪيس' توشه خانه 'ون ڪيس' کان مختلف آهي. ان کان اڳ، توشه خانه 'ون ڪيس' ۾ عمران خان ۽ بشرا بي بيءَ کي 14 سال قيد هڪ ارب ستونجاهه ڪروڙ روپيا ڏنڊ وڌو ويو هو گڏوگڏ عمران خان کي عدالت 10 سالن لاءِ نااهل قرار ڏنو هو پر اپريل 2024ع ۾ اسلام آباد

ميهڙ ۾ پوليس جو وڏي پيماني تي سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن، 7 شڪي گرفتار

ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج ۽ ايس ايس پي دادو جي هدايتن تي ميهڙ ۾ حساس علائقن تي سرچ آپريشن ڪيو ويو

هوٽلن، بس اسٽينڊ، رهائشي علائقا ۽ ٻيون شڪي جڳهيون شامل، شڪي ماڻهن جي بايوميٽرڪ تصديق ڪئي وئي

پوليس جو مقصد ڏوهن جي روڪٿام، عوام جي حفاظت ۽ امن امان برقرار رکڻ، مستقبل ۾ پڻ آپريشن جاري رکڻ جو اعلان

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر) ميهڙ ۾ پوليس جو سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن، ڪيترن ئي هنڌن تي سرچ، شڪي ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس حيدرآباد رينج طارق رزاق خان ڌاريجو ۽ ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي جي خاص هدايتن تي ضلعي جي مختلف ... منتقل ڪيو ويو سرچ آپريشن جو مقصد ڏوهاري عنصرن جي حوصلا شڪني ڪرڻ ۽ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ هو دادو ضلعي پوليس عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت، ڏوهن جي خاتمي ۽ امن امان جي فضا برقرار رکڻ لاءِ هميشه سرگرم آهي ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو جي هدايتن جي روشني ۾ اهڙا سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن مستقبل ۾ به جاري رهندا

دگهڙي ۾ "پيغام پاڪستان" ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو دلچسپ فائنل

هالا نارڪوٽيڪس پاران ڪارروائي ۾ ٽان ڪسٽم پيڊ هٽ ڪيل سگريٽن جو ڊيڪ

زرداري اتحاد پاڪستان جي مرڪزي صدر جو ضلعي دادو جو دورو

ايڊووڪيٽ خان زرداري عوامي رابطا مهم دوران دادو پهچي بنيادي مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي

چانهه پارٽي دوران اڳواڻن ۽ سائين زرداري اتحاد جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو

ملاڪاتيار ۾ قائدِ عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو افتتاح

سيد قاسم نويد قمر جي هدايتن تي ملاڪاتيار ڪرڪيٽ گرائونڊ تي رنگا رنگ افتتاحي تقريب

ٽورنامينٽ نوجوانن کي پنهنجين صلاحيتن جي اظهار لاءِ پليٽ فارم فراهم ڪندو: اعجاز شاهه بخاري

ٽورنامينٽ ۾ 18 ٽيمون وٺي رهيون آهن، ٽورنامينٽ جو مقصد نوجوانن کي منفي سرگرمين کان پري رکڻ آهي

ملاڪاتيار (ن ع) ٽنڊومحمدخان ضلعي ڪائونسل طرفان پهريون قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ چيئرمين ضلعي ڪائونسل ٽنڊومحمدخان سيد قاسم نويد قمر جي هدايتن تي ملاڪاتيار ڪرڪيٽ گرائونڊ تي منعقد ڪيو ويو. ٽورنامينٽ جي افتتاحي تقريب ... شرڪت ڪئي ميچ جو افتتاح ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ڪيو جڏهن ته درگاهه عاليه ملاڪاتيار جي گادي نشين ميان تاج محمد ميونسپل چيئرمين سيد شاهنواز شاهه بخاري، پيپلز پارٽي يوٿ ونگ جي ضلعي صدر سيد سلال شاهه بخاري، شهزاد بوزدار پڻ ... ٽورنامينٽ ۾ مجموعي طور 18 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن ڪامياب ٽيمن کي ڪيش انعامن سان گڏ ونگ ٽرافيون پڻ ڏنيون وينديون، جنهن سان نوجوانن ۾ مقابلي جو صحتمند رجحان وڌندو. ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ...

مسنوڙگوٺ ۾ پرائمري اسڪول ۾ ثقافتي جشن، شاگردن ۽ استادن پاران سنڌ ڌرتي کي ڀيٽا پيش

دگهڙي ۾ پاڻي جي غير منصفاڻي فراهمي خلاف عدالت ۾ درخواست داخل

ڪوٽ غلام محمد ۾ افغاني پناهگيرن پاران مقامي نوجوان تي حملو، احتجاج

مونٽيسوري ڪيڊٽ ڪاليج مٺي ۾ پروفيسر چمن لال ڏاماڻي جي رٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب

ڪالوني ۾ ٽيلرز ميڊيا سينٽر جي نئين آفيس جو افتتاح

ملي لڪ 40 سالن جو شخص خودڪشي ڪري زندگي جو خاتمو ڪري ڇڏيو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقاعده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آچر 21 ڊسمبر 2025ع

توشه خانو ٽُو ڪيس ۽ عمران خان کي مليل سزا

اسلام آباد جي عدالت توشا خانا ٽُو ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بيءَ کي سترنهن سترنهن سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي. اسپيشل جج سينٽرل ارجمند شاهه پاران اڊيالا جيل ۾ عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ جي موجودگيءَ ۾ توشا خانا ٽُو ڪيس جو فيصلو ٻڌايو ويو جڏهن ته عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ جي وڪيلن مان ڪو به عدالت نه پهتو. عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي گڏيل طور تي 17 سال سزا ٻڌائي وئي. ان کان علاوه عدالت عمران خان ۽ بشريٰ بي بيءَ کي هڪ ڪروڙ 64 لک رپيا ڏنڊ جي سزا پڻ ٻڌائي آهي. توشا خانا ٽُو ڪيس جي شروعاتي نيب ڪئي هئي ۽ نيب ترميمن جي روشنيءَ ۾ چالان ڪيس ايف آءِ اي ڏانهن موڪليو ويو هو. سيپٽمبر 2024ع ۾ ايف آءِ اي جاچ ڪانپوءِ چالان عدالت ۾ جمع ڪرايو هو. توشا خانا جي هڪ ٻئي ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بيءَ تي 12 ڊسمبر 2024ع تي فرد جرم لاڳو ڪيو ويو هو.

پي ٽي آءِ باني ۽ اڳوڻو وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري بشريٰ بي بيءَ ٻڌايل سزا کي سياسي ۽ عدالتي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ طور ڏٺو پيو وڃي. عدالتي فيصلو رڳو هڪ ڪيس تائين محدود ناهي رهيو پر اهو احتساب، قانون جي بالادستي ۽ سياسي نظام بابت ڪيترن ئي بنيادي سوالن کي جنم ڏئي ٿو. عمران خان ۽ بشريٰ بي بي ڪيس جي شروعاتي ٻڌڻين دوران ئي الزامن کي رد ڪندي ڪيس کي سياسي قرار ڏيندا رهيا آهن. سندن موقف آهي ته ڪيس جو مقصد عمران خان کي سياست مان نااهل ڪرڻ ۽ پارٽيءَ (پي ٽي آءِ) کي ڪمزور ڪرڻ آهي. جڏهن ته اڳوڻو وزيراعظم عمران خان اڳ ئي 190 ملين پائونڊ واري ڪيس ۾ مليل 14 سال سزا ڪاٽي رهيو آهي. ان کان علاوه 9 مئي 2023ع جي واقعن بابت داخل ڪيل ڪيس به عدالتن ۾ ٻڌڻيءَ هيٺ آهن. اهڙي ماحول ۾ هڪ ٻئي پٺيان ايندڙ سخت فيصلا سياسي ماحول کي وڌيڪ ڇڪتاڻ ڏانهن ڌڪي رهيا آهن.

ٻئي طرف رياستي ۽ قانوني ماهرن جو موقف آهي ته احتساب کان مٿانهون ڪير ناهي ۽ جيڪڏهن الزام ثابت ٿين ته سزا ملڻ لازمي آهي. توشه خانو جهڙن معاملن ۾ شفافيت انتهائي ضروري سمجهي وڃي ٿي ڇو ته سرڪاري عهدن تي ويٺل ماڻهن کي مليل تحفا قومي امانت تصور ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن اهڙن معاملن ۾ نرمي ڪئي وڃي ٿي ته اهو عوامي اعتماد کي نقصان پهچائڻ جيو ويندو. پر هتي هڪڙو سوال اُڀري ٿو ته ڇا پاڪستان ۾ احتساب سڀني لاءِ هڪجهڙو آهي؟ ماضي گواهه آهي ته احتساب گهڻو ڪري سياسي تاثرن سان جُڙيل رهيو آهي، جنهن سبب عوام جو اعتماد ڪمزور ٿيندو رهيو آهي. جيڪڏهن احتساب واقعي شفاف ۽ ادارن کان مٿانهون هجي ته پوءِ اهڙا فيصلا قوم لاءِ مثال بڻجي سگهن ٿا، ٻي صورت ۾ اهي رڳو سياسي اختلافن کي وڌيڪ گهرو ڪندا.

توشه خانو ٽُو ڪيس جو فيصلو ملڪ ۾ قانون ۽ سياست جي لاڳاپي تي نئين سر سوچڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. پاڪستان هن وقت معاشي دٻاءَ، سياسي عدمِ استحڪام ۽ سماجي بيچينيءَ مان گذري رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي ته عدالتي فيصلا رڳو قانوني طور صحيح نه پر عوامي اعتماد بحال ڪرڻ جو ذريعو پڻ بڻجن. بهرحال وقت اهو فيصلو ڪندو ته ڇاڪاڻ ڪيس ۽ سزا قانون جي بالادستيءَ جي علامت بڻجندا يا ماضيءَ واري احتساب جي تڪراري تاريخ ۾ نئون باب بڻجندا. عوام سمجهي ٿو ته پي ٽي آءِ جي باني عمران خان ۽ هن جي گهرواريءَ بشريٰ بي بيءَ کي مليل سزا پاڪستان جهڙي ترقي پذير ملڪ ۾ سياستدانن جي احتساب جي شروعاتي جهلڪ آهي. بهرحال سزا تي ڪيترو عمل ٿئي ٿو اهو ته ايندڙ وقت ئي ثابت ڪندو.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

انڊا اُونڊا ويڄا! ڳَل ڳُجاڙيا ڪانئين؟
اسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارئين پيڄ؟
سُوري جنين سيڄ، مرڻ تي مُشاهدو.
(سُر ڪليان)

’نفرت جو نتيجو؟‘

افضال ريحان

آسٽريليا جي شهر سڊني جي بونڊائي ساحل تي يهودين جي خلاف ٿيندڙ دهشتگردي ۾ ملوث انڊين شهري ساجد اڪرام ۽ سندس پٽ نويد اڪرام [illegible] انڊين پوليس ساجد اڪرام جو تعلق انڊيا جي رياست تلنگانا [illegible] آسٽريليا [illegible]

[illegible]

آسٽريليا ۾ ٻهرين سمجهيو ٿو ته دهشتگردي جو تعلق پاڪستان سان آهي [illegible] الزام ڏئي وڃي، فخر سان چئي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن دهشتگرد مسلمان هئا، ته

فيشن انڊسٽري ۽ برآمدات

ڪاشف اشفاق

پاڪستان جي برآمدات ۾ سڀ کان وڏو حصو ٽيڪسٽائيل شعبي جو آهي، پر هن شعبي کي هن وقت وري به ڪيترن ئي مسئلن ۽ ڏکين حالتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جنهن ڪري اِهو هڪ ڀيرو ٻيهر بحران ۾ ڦاسي ويو آهي. ٽيڪسٽائيل جي برآمد ڪندڙن جو چوڻ آهي ته کين به علائقي جي ٻين ملڪن وانگر سستي بجلي، گيس ۽ آسان شرطن تي قرض ڏنا وڃن، ڇو ته هتي آهي شيون تمام مهانگيون آهن. ساڳئي وقت هڪ ٻي اهم حقيقت به آهي ته پاڪستان جو ٽيڪسٽائيل شعبو 'ويليو ايڊيشن' يعني ڪپڙي کي وڌيڪ جديد، معياري ۽ مهانگي پراڊڪٽ ۾ تبديل ڪرڻ واري ڪم ۾ پنهنجن مقابلي وارن ملڪن کان گهڻو پوئتي رهجي ويو آهي، جنهن سبب عالمي مارڪيٽ ۾ پاڪستاني ٽيڪسٽائيل جي مقابلي جي سگهه ڪمزور ٿي رهي آهي. اسان جي سامهون مثال طور بنگلاديش، ويٽنام ۽ ڪيمبوڊيا جهڙا ملڪ آهن، جن پنهنجي ٽيڪسٽائيل شعبي ۾ 'ويليو ايڊيشن' يعني ڪپڙي کي وڌيڪ جديد، معياري ۽ قيمتي شين ۾ تبديل ڪرڻ تي سيڙپڪاري ڪئي ۽ نتيجي طور عالمي مارڪيٽ ۾ انهن جي برآمدات جو حصو گهڻو وڌي ويو آهي. ان کان علاوه، هتي اڪثر اهو مسئلو نظرانداز ڪيو ويندو آهي ته اسان وٽ ڪيترن شعبن ۾ اڳتي وڌڻ برآمدات وڌائڻ جا وسيع موقعا موجود آهن. هڪ اهم ڳالهه اها به آهي ته ٽيڪسٽائيل شعبي ۾ پاڪستان وٽ گهڻو تجربو، ماهر ۽ هُنرمند ڪاريگر موجود آهن، جنهن ڪري اسان کي فيشن انڊسٽري کي وڌائڻ ذريعي برآمدات ۾ وڏي واڌ جو موقعو آهي. پر افسوس، مناسب مارڪيٽنگ، تحقيق ۽ ترقي (R&D) ۾ سيڙپڪاري نه ڪرڻ سبب، اسان انهن موجود موقعن مان صحيح فائدو نٿا وٺي سگهون. ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي، وفاقي وزارت تجارت تازو ئي فيشن انڊسٽري کي فروغ ڏئي برآمدات وڌائڻ لاءِ هڪ بورڊ ناهي ڇڏيو آهي، جنهن جو نالو بورڊ آف انڊسٽريل ڪليبرئيشن رکيو ويو آهي ۽ مون کي ان جو چيئرمين بڻائي ان جي قيادت جو ذميوار بڻايو ويو آهي. ان بورڊ جي پهرين اجلاس ۾ اسان فيصلو ڪيو ته فيشن برآمدات کي وڌائڻ لاءِ بااختيار ڊيزائن سينٽر ۽ اي ڪامرس سينٽر قائم ڪيا وڃن. ساڳئي وقت، اسان اهو به طئي ڪيو ته هن ڪم ۾ ٻين اسٽيڪ هولڊرز يعني لاڳاپيل ڌرين سان مشاورت ڪئي وڃي ته جيئن پاڪستان جي فيشن انڊسٽري جي برآمدات کي مضبوط بنيادن تي ۽ پائيدار انداز ۾ ترقي ڏني وڃي. ان کان اڳ، مون فيصل آباد انڊسٽريل اسٽيٽ اينڊ ڊولپمينٽ مينيجمينٽ ڪمپني جو چيئرمين، فيصل آباد گارمنٽس سٽي ڪمپني جو ڊائريڪٽر ۽ ووڪيشنل ٽريننگ انسٽيٽيوٽ فيصل آباد جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو رڪن هجڻ جي حيثيت سان هميشه ڪوشش ڪئي آهي ته پاڪستان ۾ صنعتي ترقي کي وڌائڻ لاءِ هر شعبي ۾ ويليو ايڊيشن يعني مصنوعات کي وڌيڪ معياري، جديد ۽ قيمتي بڻائڻ کي ترجيح ڏجي ۽ ان لاءِ ضروري هُنرمند ماڻهن جي تياري تي وڌ ۾ وڌ سيڙپڪاري ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾، تازو ئي پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف فيشن اينڊ ڊيزائن، لاهور ۾ پاڪستان جي پهرين بين الاقوامي ڊيزائن ڪانفرنس 2025ع: 'فيشن اينڊ گلوبل ٽريڊ' ۾ بطور خاص مهمان مون پنهنجي تقرير ۾ زور ڏنو ته پاڪستان کي فيشن ۽ ڊيزائن جي بدلجندڙ عالمي منظرنامي کي ڏسندي، وڏي پيماني تي هُنرمند عملي ۽ تخليقي صلاحيتن سان ڀرپور ماهرن جي تياري تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. اهي اهڙا ماهر هجن جيڪي عالمي سطح تي فيشن انڊسٽري ۾ پنهنجون تخليقي صلاحيتون ڏيکاري سگهن. ان سان پاڪستان ۾ فيشن ۽ ڊيزائن جي دنيا ۾ جدت، تعليم ۽ بين الاقوامي شموليت کي فروغ ملندو ۽ اسان جي برآمدات وڌائڻ جا به وسيع موقعا حاصل ٿيندا. ان سلسلي ۾، صنعت ۽ تعليمي ادارن (اڪيڊيميا) جي وچ ۾ رابطي کي بهتر بڻائي نه صرف موجوده مسئلن ۽ چيلنجز کي آسانيءَ سان منهن ڏئي سگهجي ٿو پر فيشن انڊسٽري کي وڌائڻ لاءِ موجود موقعن کي سڃاڻڻ جو طريقو به بهتر بڻائي سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾، ٽيڪسٽائيل، فرنيچر، فيشن ۽ جم ۽ جيولري شعبن جي صلاحيتن (پوٽينشل) کي نظر ۾ رکندي، هر شعبي لاءِ الڳ الڳ قومي ۽ بين الاقوامي ڊيزائن ڪانفرنسون به منعقد ڪري سگهجن ٿيون، جيئن هر شعبي جي ضرورتن مطابق صنعت ۽ تعليمي ادارن جي وچ وارو تعلق مضبوط ٿئي ۽ فيشن ۽ ڊيزائن جي دنيا ۾ پائيداري ۽ جدت جو سفر اڳتي وڌي سگهي. واضح ڳالهه اها آهي ته فيشن ۽ ٽيڪسٽائيل انڊسٽري گڏجي ڪم ڪندي ويليو ايڊيشن ذريعي پاڪستان جي ٽيڪسٽائيل برآمدات کي نئين بلنديءَ تي وٺي وڃڻ ناممڪن نه آهي. ان لاءِ، جيڪڏهن اسين پنهنجن ڊيزائنرز ۾ جدت آڻيون، مواد (ميٽرئيل) کي بهتر بڻايون ۽ تحقيق ۽ ترقي (R&D) ۾ سيڙپڪاري ڪري فيشن انڊسٽري کي وڌايون، ته نه صرف برآمدات جو مقدار وڌندو، پر انهن جي قيمت ۽ معيار ۾ به واڌ ٿيندي ۽ ملڪ لاءِ وڌيڪ زرمبادلو حاصل ٿي سگهندو. ٻئي طرف، فرنيچر جي شعبي ۾ هٿ سان ٺاهيل پاڪستاني فرنيچر عالمي مارڪيٽن ۾ وڏي طلب رکن ٿا ۽ ان کي هڪ اسٽيٽس سمبل پڻ سمجهيو وڃي ٿو. پاڪستان جي ڪاٺ مان ٺهيل فرنيچر آمريڪا، برطانيا، سري لنڪا، متحده عرب امارات، سعودي عرب، عمان ۽ ڪويت ۾ پڻ تمام گهڻي طلب رکي ٿو. آمريڪا ۾ گهڻي طلب بيڊ روم فرنيچر جي آهي، جڏهن ته برطانيا ۽ خليجي ملڪن ۾ ڪچن ۽ آفيس فرنيچر جي طلب وڌيڪ آهي. پر افسوس، پاڪستان ۾ فرنيچر ٺاهڻ واري صنعت گهڻو ڪري روايتي طريقن تي ٻڌل آهي. تنهنڪري ضروري آهي ته فرنيچر ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ مشينري ۽ هارڊ ويئر جي مختلف درآمدي شين تي ڊيوٽي ختم ڪئي وڃي. ان سان فرنيچر ٺاهڻ وارو شعبو وڌندو، ملڪ جون گهرجون پوريون ٿينديون ۽ برآمدات ذريعي ملڪ لاءِ قيمتي زرمبادلو پڻ حاصل ٿيندو. ان کان علاوه، جم اينڊ جيولري جي حوالي سان به پاڪستان خاص اهميت رکي ٿو ڇو ته جواهرن جي ذخائر جي لحاظ سان پاڪستان دنيا جو پنجون وڏو ملڪ آهي. پاڪستان ۾ جواهرن جا وڏا ذخيرا خاص طور تي خيبر پختونخوا، گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير ۽ بلوچستان جي ڏکڻ اوڀر ۾ موجود آهن، جيڪي گهڻو ڪري ڪوهِ هندو ڪش، هماليه ۽ قراقرم جي جبلن ۾ ملن ٿا. هتان کان حاصل ٿيندڙ ناياب زميني معدنيات جهڙوڪ روبي، زمرد، نيلم، ايڪوامارين، پخراج، ڪوارٽز، زرقون، گارنيٽ، فيروزي، پيريڊوٽ، اسپاٿيٽ، ٽورمالائن، فيلڊ اسپين ايگيٽ، لاپيس لازولي، اوپل، مون اسٽون، فيلڊ اسپير ۽ ڪنزائٽ جهڙا قيمتي پٿر پاڪستان کي جم اينڊ جيولري جي عالمي مارڪيٽ ۾ هڪ اهم ۽ قابل ڌيان ملڪ بڻائڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

پاڪستان جي ڪاٺ مان ٺهيل فرنيچر آمريڪا، برطانيا، سري لنڪا، متحده عرب امارات، سعودي عرب، عمان ۽ ڪويت ۾ پڻ تمام گهڻي طلب رکي ٿو. آمريڪا ۾ گهڻي طلب بيڊ روم فرنيچر جي آهي، جڏهن ته برطانيا ۽ خليجي ملڪن ۾ ڪچن ۽ آفيس فرنيچر جي طلب وڌيڪ آهي. پر افسوس، پاڪستان ۾ فرنيچر ٺاهڻ واري صنعت گهڻو ڪري روايتي طريقن تي ٻڌل آهي. تنهنڪري ضروري آهي ته فرنيچر ٺاهڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ مشينري ۽ هارڊ ويئر جي مختلف درآمدي شين تي ڊيوٽي ختم ڪئي وڃي. ان سان فرنيچر ٺاهڻ وارو شعبو وڌندو، ملڪ جون گهرجون پوريون ٿينديون ۽ برآمدات ذريعي ملڪ لاءِ قيمتي زرمبادلو پڻ حاصل ٿيندو. ان کان علاوه، جم اينڊ جيولري جي حوالي سان به پاڪستان خاص اهميت رکي ٿو ڇو ته جواهرن جي ذخائر جي لحاظ سان پاڪستان دنيا جو پنجون وڏو ملڪ آهي.

مذهبي نفرت کي روڪڻ جو وقت ۽ دنيا جو خطري ۾ پئجي ويل امن!

اعجاز ممنائي

ڀارت جي صوبي بهار جي وزيراعليٰ نتيش ڪمار هڪ تقريب ۾ ايوارڊ ورهائيندي هڪ مسلمان عورت ڊاڪٽر جو نقاب زبردستي لاهي ڇڏيو، جيڪو انتهائي شرمناڪ عمل آهي. هڪ سرڪاري تقريب ۾ ايوارڊ ڏيندي بهار جي وزيراعليٰ نتيش ڪمار پاران هڪ مسلمان عورت ڊاڪٽر جي حجاب کي زبردستي لاهڻ صرف هڪ انفرادي عمل ناهي پر انتهاپسندي ۽ فاشسٽ ذهنيت جو مظهر آهي، جنهن هندستان ۾ اقليتي برادريءَ کي نشانو بڻايو آهي. ان عمل جي سڄي دنيا ۾ سخت مذمت ڪئي پئي وڃي ۽ ان کي مذهبي آزاديءَ تي حملو قرار ڏنو پيو وڃي. ڀارتي ماڊل ۽ اداڪارا راکي ساونت وزيراعليٰ بهار جي ان عمل تي سخت تنقيد ڪندي وزيراعليٰ کان عوامي معافيءَ جو مطالبو ڪيو آهي. اداڪارا سماجي رابطن جي ويب سائيٽ انسٽاگرام تي جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ چيو ته "نتيش ڪمار هيءَ ڇا؟ توهان هڪ مسلمان عورت کي ايوارڊ ڏيڻ لاءِ سڏائي سندس عزت افزائي ڪري رهيا آهيو، وري سندس حجاب سان هٿ چراند ڪري بي حيائيءَ جو ثبوت ڏئي رهيا آهيو. ڇا توهان کي مسلمانن جي ثقافت ۽ تهذيب جي ڄاڻ ناهي؟" راکي ساونت جو وڌيڪ چوڻ هو ته "اسلام ۾ عورتن جو پردو هڪ مقدس عمل آهي ۽ ڪنهن کي به ڇُهڻ جو حق ناهي." ڇو ته "هڪ پاسي توهان عزت ڏيڻ جي ڳالهه ڪندا آهيو ۽ ٻئي پاسي وري ان عورت جي بيعزتي ڪريو ٿا، توهان کي شرم نٿو اچي؟" اداڪارا وزيراعليٰ کان مطالبو ڪيو ته هو ميڊيا جي سامهون ان عورت کان معافي وٺي، ڇو ته عورت سان ظلم ۽ برقعي سان هٿ چراند برداشت جوڳو عمل ناهي. واضح رهي ته اهو واقعو ڀارتي رياست بهار جي راڄڌاني پٽنا ۾ هڪ سرڪاري تقريب دوران پيش آيو هو جتي وزيراعليٰ نتيش ڪمار هڪ مسلمان عورت ڊاڪٽر جو حجاب زوري لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. ان واقعي ڪانپوءِ عوامي سطح تي سخت ردعمل سامهون آيو ۽ هاڻي ڀارت ۾ وزيراعليٰ جي ترت استعيفيٰ جو مطالبو زور وٺي رهيو آهي. هوڏانهن ايمنسٽي انٽرنيشنل ان عمل کي عورت جي وقار ۽ سڃاڻپ تي حملو قرار ڏنو آهي ۽ چيو آهي ته ڪنهن کي به عورت جي لباس يا مذهبي علامت کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ جو حق ناهي. اسلام ۾ پردو عورت جو خوبصورت زيور قرار ڏنو ويو آهي پر هندستان ۾ رياستي سطح تي مذهبي امتيازي سلوڪ هاڻي روز جو معمول بڻجي چڪو آهي. اعليٰ عدالتون به هندوتوا فاشزم جي سامهون بيوس نظر اچن ٿيون. هندوتوا نظريي، ڀارتيه جنتا پارٽي ۽ مودي حڪومت جي انتهاپسند پاليسين نه رڳو مسلمانن جي مذهبي آزاديءَ کي نقصان پهچايو آهي پر سماج ۾ مذهبي تعصب ۽ انتهاپسنديءَ جو ٻج به پوکيو آهي، جيڪو ايندڙ وقت ۾ دنيا جي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. حجاب ۽ حياءُ عورت لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن، ڇو ته حياءُ عورت جو شان آهي، حجاب عورت جي سڃاڻپ آهي ۽ پردو عورت لاءِ فقط لباس نه پر عزت، وقار ۽ تحفظ جو نالو آهي، ڇو ته عورت سماج جو هڪ آزاد ۽ باعزت فرد آهي. پردو ڪنهن علم، شعور، نوڪري يا ذميواريءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ ناهي پر پردو ته عورت لاءِ حفاظت ۽ امن جو احساس آهي. پردي ۾ عورت پاڻ کي محفوظ، باوقار ۽ پُراعتماد سمجهي ٿي. ڪنهن نياڻيءَ کان زبردستي حجاب لاهرائڻ سندس عزت، آزادي ۽ انسانيت تي کُليل حملو آهي. هڪ غير مرد پاران عورت جي حجاب کي ڇڪڻ سندس شان ۽ مان کي لتاڙڻ آهي ۽ اهڙي توهين تي خاموش رهڻ به ڏوهه کان گهٽ ناهي.

افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته هڪ انتهاپسند هندو، هڪ معصوم مسلمان نياڻيءَ جو حجاب ڇڪي لاهي رهيو آهي ۽ پرسان بيٺل ٻيا ماڻهو روڪڻ بدران تماشو ڏسي خوش ٿي رهيا آهن!

هندستان ۾ هن وقت مسلمانن جي آبادي 200 ملين کان وڌيڪ آهي، جيڪا 188 ملڪن جي ڪُليل آباديءَ کان به وڌيڪ آهي. جيڪڏهن هندستان جي مسلمان آباديءَ کي الڳ ملڪ طور سمجهيو وڃي ته اهو آباديءَ جي لحاظ کان دنيا ۾ اٺون نمبر وڏو هوندو پر هندوتوا ۽ موديءَ جي پاليسين جي اثر هيٺ هندستان ۾ لکين مسلمان پنهنجي مذهبي آزاديءَ لاءِ سنگين خطرن کي منهن ڏئي رهيا آهن. آمريڪي ڪميشن آن انٽرنيشنل رليجيس فريڊم جي 2025ع جي رپورٽ ۾ سفارش ڪئي وئي آهي ته هندستان کي مسلسل ڇهين سال مذهبي آزاديءَ لاءِ خاص طور تي ڳڻتيءَ جوڳو ملڪ قرار ڏنو وڃي. رپورٽ ۾ تصديق ڪئي وئي آهي ته هندستان ۾ مذهبي اقليتن خلاف تشدد ۽ امتيازي قانون وڌي ويا آهن. مسلمانن خلاف نفرت انگيز تقريرون، تشدد ۽ ملڪيت جي تباهي روز جو معمول بڻجي چڪو آهي. نوان شهري قانون ۽ مذهبي تبديلين تي سخت قانونن جو مقصد مسلمانن جي مذهبي آزاديءَ کي محدود ڪرڻ آهي.

گذريل ڪجهه سالن ۾ اقليتن، خاص طور تي عيسائين ۽ مسلمانن کي نشانو بڻائڻ واري قانون سازيءَ جي رفتار ۾ تيزيءَ سان اضافو ڏنو ويو آهي. هر سال اڳ نسل ڪشيءَ جي خطرن کان خبردار ڪندڙ هڪ عالمي تنظيم، جينوسائيڊ واچ جي باني سربراهه گريگوري اسٽينٽن پڻ "هندستان کي مسلمانن لاءِ هڪ خطرناڪ ملڪ" قرار ڏنو هو ۽ چيو هو ته هندستان نسل ڪشيءَ جي اٺين مرحلي ۾ آهي، جنهن جو مطلب آهي ته هندستان ۾ مسلمانن جي مڪمل صفائي صرف هڪ قدم پري آهي. بي جي پي ۽ آر ايس ايس جي جنوني ماڻهن پاران مسلمانن سان ڪيل سلوڪ ظاهر ڪري ٿو ته مسلمان هن وقت هندستان ۾ سنگين خطرن کي منهن ڏئي رهيا آهن. دنيا هن وقت مذهبي نفرت ۽ لاڳاپيل دهشتگرديءَ جي وڌندڙ واقعن کي ڏسي رهي آهي، جيڪا اهڙي فاشسٽ سوچ جي پويان آهي. مذهبي بنيادن تي دهشتگردي، پوءِ اها سڊنيءَ ۾ هجي، غزه ۾ هجي يا هندستان ۾، ان جي سخت مذمت ڪئي وڃي ۽ ان کي روڪڻ لاءِ عالمي سطح تي قدم کنيا وڃن. عالمي برادريءَ جو اهو فرض هجڻ گهرجي ته ان کي روڪڻ لاءِ سيئي ضروري قدم کنيا وڃن. هندستان ۾ اقليتن، خاص طور تي مسلمانن لاءِ آواز بلند ڪرڻ نه رڳو هڪ پاڙيسري پر لياقت نهرو معاهدي تحت پاڪستان جو قانوني حق پڻ آهي. ان حوالي سان سرڪاري سطح تي سفارتي ڪوششون وڌيڪ تيز ڪرڻ گهرجن ۽ دنيا کي يقين ڏياريو وڃي ته جيڪڏهن هندستان ۾ هندو توا دهشتگردي ۽ مذهبي نفرت کي نه روڪيو ويو ته پوءِ سڄي دنيا جو امن خطري ۾ پئجي سگهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جو عظيم محقق 'ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ'

منظور ڪوسو

لسانيات، علم، ادب، تاريخ، لطيفيات، موسيقي ۽ خاص ڪري لوڪ ادب کي ڪتابن ۾ محفوظ ڪري، سنڌ جي شاندار تاريخ ۽ ثقافت کي سانڍڻ واري اعليٰ پايي جي علمي ادبي شخصيت، محقق ۽ ماهر تعليم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو جنم 16 ڊسمبر 1917ع تي ڳوٺ جعفر خان لغاري ضلعي سانگهڙ ۾ ٿيو. سندس ولادت جي ڇهن مهينن ڪانپوءِ هن جي والد علي محمد خان جو هن فاني جهان مان لاڏاڻو ٿيو. مستقبل جي عظيم محقق جي پرورش چاچي ولي محمد خان ڪئي. 1924ع ۾ ڳوٺ پليو خان لغاري جي پرائمري اسڪول مان سنڌي پنج درجا پاس ڪرڻ ڪانپوءِ مارچ 1929ع ۾ نوشهري جي مدرسي هاءِ اسڪول ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ داخل ڪرايو ويو. جتان 1936ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. 1937ع ۾ جهونا ڳڙهه جي بهاءالدين ڪاليج ۾ داخلا ورتائين ۽ 1941ع ۾ انهيءَ ڪاليج مان بي اي آنرز فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ٿيڻ تي کيس سئو رپيا ماهوار وظيفو جاري ڪيو ويو. 1945ع ۾ ايل ايل بي ۽ عربي ۾ ماسٽر فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. 16 آگسٽ 1946ع تي برطانيه سرڪار جي اسڪالر تي ڊاڪٽريٽ ڪرڻ لاءِ بمبئي کان آمريڪا روانو ٿيو. 1949ع ۾ پنهنجو تحقيقي مقالو Programme of Teacher Education for the New State of Pakistan مڪمل ڪري ڪولمبيا يونيورسٽي نيويارڪ کان ايم ايڊ ۽ پي ايڇ ڊي جي سند وٺي وطن وريو ۽ سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 1950ع ۾ وزارت اطلاعات ۽ نشريات ۾ آفيسر مقرر ٿي 'شهاب نامه' جي ليکڪ قدرت الله شهاب جي ماتحت خدمتون سرانجام ڏنائين. 1951ع ۾ علامه آءِ آءِ قاضي کيس سنڌ يونيورسٽي وٺي آيو جتي پاڪستان جي پهرين قائم ڪيل 'ڊپارٽمينٽ آف ايجوڪيشن' جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. 1973ع ۾ ڊاڪٽر صاحب سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو. جنوري 1976ع ۾ يونيورسٽي ۾ سنڌي شعبي جو آغاز ڪيائين، پاڻ سنڌالاجي جا باني به هئا. اسلام آباد ۾ قائم قومي ڪميشن برائي تحقيق تاريخ ۽ ثقافت جا 1979ع کان 1982ع تائين ڊائريڪٽر رهيا. هتان هڪ اعليٰ معيار جو تحقيقي جرنل "Journal of historic and culture" پڻ جاري ڪيائين. هن اداري ۾ پاڻ چار سال رهيا ۽ ڄڻ سالن ۾ 25 ڪتاب شايع ڪرايائين. 1980ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي جو پهريون وائس چانسلر مقرر ڪيو ويو. ڊاڪٽر صاحب فيبروري 1991ع کان مارچ 1994ع تائين سنڌي لينگئيج اٿارٽي جا چيئرمين رهيا ۽ ان عرصي ۾ 25 علمي ۽ تحقيقي ڪتاب اداري طرفان شايع ٿيا. سندس ساري ڄمار علم ۽ ڪتابن سان محبت ۾ گذري وئي. لوڪ ادب، تاريخ ۽ تحقيق سندس محبوب موضوع هئا. لوڪ ادب جا قصا ۽ داستان يا شاعري فقط قصا نه آهن پر هن قسم جو ادب ڪنهن قوم جي سماجي ۽ ثقافتي تاريخ ٿئي ٿي. ڊاڪٽر صاحب لوڪ ادب جي اهميت کي محسوس ڪندي ڏينهن رات محنتون ڪري ڪشالا ڪڍي، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سگهڙن ۽ ڏاهن سان ڪچهريون ڪري موتين جيان وکريل لوڪ ادب ۽ ڏاهپ کي سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب رٿا هيٺ چاليهن کان به وڌيڪ ڪتاب جن مان ڪن ڪتابن جا ته ٻه ٻه جلد آهن، جيئن ٿيهه اکريون، ڳجهارتون ۽ ڪافيون وغيره مڪمل ڪري سگهڙن جي سينن ۾ دفن لوڪ ادب کي ڪتابي صورت ڏئي پڙهندڙن جي هٿن تائين آندو. لوڪ ادب رٿا ڪانسواءِ به ڊاڪٽر صاحب ڪتاب لکيا ۽ ترتيب ڏنا، جيئن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ سندس هڪ شاهڪار ڪتاب آهي، ٻيلاين جا ٻول، رهاڻ هيرن جي ڪاڻ، سڀ رنگ ۽ ان ڪانسواءِ ٻولي، ادب ۽ تاريخ تي ڪيئي تحقيقي مقالا لکيائين. اهڙي ريت تاريخ، علم ادب ۽ ثقافت جو هڪ وڏو حصو ڪتابي صورت ۾ لائيبريرين جي زينت بڻجي هر خاص و عام لاءِ فيض جو سبب بڻيو. نه فقط ادب ۽ تاريخ پر پاڻ سنڌي راڳ جي حوالي سان علم موسيقي جا به وڏا ڄاڻو هئا. ڊاڪٽر صاحب سنڌي موسيقي کي پڻ پنهنجي تحقيق جو موضوع بڻايو ۽ 'سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ' جي نالي سان هڪ ڪتاب به لکيو ائين. سنڌ جي تاريخ جا ٽي بنيادي ڪتاب چچ نامه، تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام سڌاري سنواري اشاعت لاءِ ادبي بورڊ جي حوالي ڪيائون، جيڪي اڄ هر لائيبريري جي زينت بڻيل آهن. 93000 لفظن ۽ اصطلاحن تي مشتمل جامع سنڌي لغات ڊاڪٽر صاحب ۽ سندس محقق سائين جو هڪ بي بها علمي ڪارنامو آهي. ان ڪانسواءِ اردو سنڌي ۽ سنڌي اردو لغت پڻ ترتيب ڏنائون. ڊاڪٽر صاحب سنڌيءَ ڪانسواءِ عربي، فارسي ۽ انگريزي زبانن جو علم هو. ڪافي اهم ڪتاب عربي فارسي مان ترجمو ڪري سنڌي ادب جي حوالي ڪيائين سڄي ڄمار تحقيق، تصنيف ۽ تاليف ۾ گذاريائين. ڊاڪٽر صاحب جي علمي خدمتن کي هن مختصر ڪالم ۾ ته بيان ڪري نٿو سگهجي پر جيڪڏهن کيس سنڌي زبان جي انسائيڪلوپيڊيا چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. جيئن مرزا قليچ بيگ ادب، آرٽ، سائنس، تاريخ، فلسفي ۽ شعر و سخن تي طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل سوين ڪتاب سنڌي ادب کي ڏيئي ٻوليءَ جو مان مٿانهون ڪيو، تحرير جو ڪو شعبو يا فن اهڙو نه هو جيڪو سندس ضبط قلم ۾ نه آيو هجيس، تيئن ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ به سهڻي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ۾ وسان ڪين گهٽايو. پنهنجون سڀ صلاحيتون ۽ توانائيون ان ڏس ۾ ڪتب آنديائين. مرزا صاحب جيان هي به پنهنجي ذات ۾ هڪ ادارو هو. اهڙي ريت منهنجي ناقص علم موجب جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته مرزا قليچ بيگ ڪانپوءِ وارو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جو اچي ٿو جنهن پنهنجي سڄي ڄمار تحقيق، تاريخ ۽ ادب کي ارپي ڇڏي. ڊاڪٽر صاحب 6 اپريل 2011ع ۾ هڪ ڀرپور زندگي گذاري رحلت ڪري ويو. هن وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جنهن جي علم ۽ شخصيت کان مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي، سائين جي ايم سيد ۽ ناميارو قانوندان اي ڪي بروهي جهڙا مدبر به متاثر هئا، ان جي پهلو ۾ ابدي آرامي آهي. ٽئي عالم يعني مرزا قليچ بيگ، علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي ڪلام جا عاشق ۽ شارح هئا، جن ٽيئي ادبي ڪمن سان گڏ ڀٽائي جا رسالا پڻ ترتيب ڏنا.



آئيني جي اڳيان 'بد خصال، ماڻهن سان جلال جي ضرورت'

حڪيم پريم چانڊوائي

بد خصال، ماڻهو
ويري وبال ماڻهو
چيلا دجال ماڻهو
ٿي پئه جلال ماڻهو

انساني سماج ۾ سڀ کان ڏکيو امتحان اُن ماڻهن سان پيش اچڻ آهي، جن جون عادتون فقط بگڙيل ناهن پر بگاڙ پکيڙڻ جو ذريعو بڻجي وڃن ٿيون. پريم شاعر جو هي شعر رڳو لفظن جو ميل نه پر سماجي شعور جو چٽو اعلان آهي. اهو اعلان، جيڪو ٻڌائي ٿو ته هر ماڻهوءَ سان "جمال" يعني نرمي، برداشت ۽ حسنِ اخلاق ڪارگر ناهي. ڪجهه ماڻهو اهڙا به هوندا آهن، جن لاءِ جلال، يعني سختي، وقار ۽ مضبوط رويو ئي آخري علاج بڻجي ٿو. بد خصال ماڻهو اهي آهن جن جي سوچ منفي، نيت شڪي ۽ عمل نقصانڪار هوندو آهي. اهڙا ماڻهو نه صرف پاڻ اندر بگاڙ کڻي هلن ٿا، پر جتي وڃن ٿا، اُتي فساد، تڪرار ۽ بداعتماديءَ جا ٻج ڇٽين ٿا. سندن گفتگوءَ ۾ زهر نگاهه ۾ حسد ۽ قدمن ۾ سازش لڪل هوندي آهي. اهڙي ذهنيت سان نرمي ڪرڻ اصل ۾ سماج سان ناانصافي آهي. ويري وبال ماڻهو، سماج لاءِ ناسور وانگر هوندا آهن. هو دوستيءَ جو نقاب پائي، اندر ۾ دشمني پالين ٿا. سندن هر مسڪراهٽ جي پٺيان ڪونه ڪو مفاد لڪل هوندو آهي. جڏهن اهڙن ماڻهن سان حد کان وڌيڪ بردباري ڪئي وڃي ٿي، تڏهن هو ان کي ڪمزوري سمجهي وڌيڪ دليري سان ظلم ڪن ٿا. نتيجي ۾ نه رڳو فرد پر پورو ماحول متاثر ٿئي ٿو. شاعر جڏهن چوي ٿو ته چيلا دجال ماڻهو ته ان مان مراد اهي چالاڪ ذهن آهن، جيڪي ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ بڻائڻ جو هنر ڄاڻن ٿا. اهڙا ماڻهو دليل بدران دوکو، سچائيءَ بدران چالاڪي استعمال ڪن ٿا. سندن مقصد اصلاح نه پر غلبو هوندو آهي. اهڙي نفسيات سان جمالي ڪيفيت، يعني نرمي ۽ سمجهائڻ، بي اثر ٿي وڃي ٿي. هتي ئي شعر جو مرڪزي نڪتو نمايان ٿئي ٿو:

'ٿي پئه جلال ماڻهو'، يعني اهڙن ماڻهن سان جلال سان پيش اچڻ ضروري آهي. جلال مان مراد ظلم يا زيادتي نه پر مضبوط اصولي رويو، واضح حدون ۽ اڻ لڳاپيل جرئت آهي. جلال اهو وقار آهي، جيڪو غلط کي غلط چئي، حق کي حق سمجهي ۽ سازش آڏو خاموش نه رهي. سماج جو حسن تڏهن برقرار رهي ٿو، جڏهن هر ماڻهوءَ کي سندس رويي مطابق جواب ملي. جيڪي سکڻ، سڌرڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت رکن ٿا، تن سان جمال، نرمي، محبت ۽ درگذر واجب آهي. پر جيڪي بدخصاليءَ کي هٿيار بڻائين ٿا، تن سان نرمي دراصل بدعملن بدڪارن کي همٿ ڏيڻ برابر آهي. اهڙي حالت ۾ جلال ئي سماجي توازن بحال ڪري ٿو.

اڄ جي دؤر ۾، جتي منافقت عقل سمجهي وڃي ٿي ۽ چالاڪيءَ کي هوشياري، اتي شاعر جو هي شعر اخلاقي رهنمائي بڻجي ٿو. اهو اسان کي سيکاري ٿو ته سُٺائيءَ جي حفاظت به فرض آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن اها حفاظت سختيءَ کان سواءِ ممڪن ناهي هوندي. مرڪزي خيال: هر انسان جمال جو حقدار ناهي هوندو. ڪجهه ماڻهن سان جلالي ٿي پيش اچڻ ئي اصلاح ۽ سماجي بقا جو ذريعو بڻجي ٿو. حاصل مقصد: سماج ۾ نرمي ۽ سختيءَ جي صحيح توازن کي سمجهڻ ته جيئن بدخصاليءَ کي روڪي سگهجي ۽ انساني قدر محفوظ رهي سگهن. هي شعر دراصل اسان سڀني لاءِ هڪ آئينو آهي، جنهن ۾ ڏسي ڪري اسان کي فيصلو ڪرڻو پوي ٿو ته ڪٿي جمال اختيار ڪجي ۽ ڪٿي جلال لازم بڻجي وڃي ٿو.

فصلن جي بهتر پيداوار ۽ پاڻ جو صحيح استعمال!


ماجد سڪندر جوڻيجو

جيئن انسانن کي واڌ ويجهه ۽ صحتمند رهڻ لاءِ اسان جي کاڌي ۾ مخصوص قسمن ۽ مقدار ۾ غذائي جزن جي ضرورت هوندي آهي، ساڳي طرح ٻوٽن کي به سٺي واڌ ويجهه ۽ بهتر پيداوار لاءِ مخصوص قسمن ۽ مقدار ۾ ضروري غذائي جزن جي ضرورت هوندي آهي. پاڻ فصلن کي اهي ضروري غذائي جزا فراهم ڪندا آهن، جيڪي انهن کي سٺي واڌ ويجهه ۽ پيداوار لاءِ گهربل هوندا آهن ۽ تنهن ڪري انهن کي ٻوٽن لاءِ کاڌي جي هڪ صورت طور سمجهي سگهجي ٿو. پاڻ جي استعمال کان سواءِ، فصلن جي پيداوار، زرعي پيداوار ۽ مٽي جي زرخيزي تمام گهٽجي ويندي آهي.

فصلن جي پيداوار ۾ واڌ کي يقيني بڻائڻ ۽ پاڻ جي استعمال جي منفي ماحولياتي اثرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي صحيح طريقي سان لاڳو ڪرڻ جي ضرورت آهي. فصلن جي پيداوار ۾ واڌ کي يقيني

جيڪو فصلن جي پيداوار کي بهتر بڻائي ٿو، ماحولياتي اثرن کي گهٽائي ٿو ۽ فارم جي منافعي کي وڌائي ٿو. 4R نيوٽرينٽ اسٽيورڊشپ موثر غذائيت جي استعمال ذريعي منافعي ۽ پيداوار کي وڌائي ڪري هارين کي فائدو ڏئي ٿو جڏهن ته هوا ۽ پاڻيءَ ۾ غذائيت جي نقصان (جهڙوڪ نائٽروجن يا فاسفورس) کي گهٽائڻ سان ماحول جي حفاظت پڻ ڪري ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ مٽيءَ جي صحت بهتر ٿئي ٿي، آبي ذخيرن جي معيار بهتر ٿئي ٿو، کاڌي جي حفاظت ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ ڊگهي مدت جي فارم جي استحڪام ۾ اضافو ٿئي ٿو. اهو فصلن جي ضرورتن سان سپلاءِ کي صحيح طور تي ملائي ڪري هارين کي پنهنجي پاڻ جي فراهمي بهتر فصل جي واڌ ۽ پيداوار جي حمايت ڪري ٿي. گهٽ خرچ: 4R نيوٽرينٽ اسٽيورڊشپ لاڳو ڪرڻ سان خرچ بچي ٿو، جيڪو اڄ جي اهم ضرورت آهي.

ماحولياتي فائدا: غذائي اجزاءَ جي گهٽتائي: مناسب وقت ۽ جڳهه غذائي اجزا کي روٽ زون (ٻوٽي جي پاڙ جي ويجهو) ۾ رکي ٿي، زميني پاڻيءَ ۾ ليچنگ ۽ مٿاڇري جي پاڻيءَ ۾ وهڪري کي گهٽائي ٿي. آبي رستن ۾ غذائي اجزا جي وهڪري ۽ نقصانڪار اخراج کي

جي سطح وڌيڪ ٿئي ٿي. ماحولياتي نظام جو تحفظ: موجوده زمين تي پيداوار وڌائڻ سان، 4R زمين جي استعمال ۾ تبديلين کي گهٽائڻ ۾ مدد ڪري ٿو، قدرتي رهائش ۽ حياتياتي تنوع کي محفوظ رکي ٿو.

زرعي ۽ سماجي فائدا: فوڊ سيڪيورٽي: کاڌ خوراڪ ۽ فائيبر جي وڌندڙ گهرج کي پورو ڪرڻ ۾ مدد لاءِ زرعي پيداوار کي وڌائي ٿو. مقامي خوراڪ جي پيداوار کي وڌائي ٿو، خاص طور تي ننڍين هارين لاءِ اهم. روزگار: خاص طور تي ننڍين هارين لاءِ R4 منصوبن جو مقصد لچڪ وڌائڻ، آمدني کي بهتر بڻائڻ ۽ زراعت ۾ صنفي برابريءَ کي فروغ ڏيڻ آهي. عوامي تاثر: پائيدار طريقن جو مظاهرو ڪرڻ سان صارفين ۽ ريگيوليٽري ادارن ۾ اعتماد پيدا ٿئي ٿو. زمين جي سار سنڀال لاءِ وابستگي ثابت ٿئي ٿي. بهتر انتظام لاءِ تعاون کي همٿائي ٿو بهتر غذائي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2396 سال 2025
مسمات شهناز ڌيءُ محمد ابراهيم قمبراڻي رهاڪو گهر نمبر C-54 نسيم نگر فيز 1 قاسم آباد حيدرآباد ...پلينٽف...خلاف: جمن ولد محمد قاسم رهاڪو بخاري ٽائون ميرپورخاص....ڊفينڊنٽ
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 10-01-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.
سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 70 سال 2025
مسمات بينظير ڌيءُ گل حسن رهاڪو ڳوٺ سائين داد مري ديهه 7 نصرت پانڌي تعلقو دوڙ...پلينٽف...خلاف: جئيند خان ولد علي گل مري رهاڪو زئوار علي حيدر مري ديهه 4 نصرت تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽ
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ، جهيز جي واپسي ۽ مينٽيننس لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبارجي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.
سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 2267 سال 2025
مسمات شازما ارشد ڌيءُ محمد ارشد پٽي...پلينٽف...خلاف: رميز امين ميمڻ ولد محمد امين ميمڻ رهاڪو فليٽ نمبر 403 فورٿ فلور رائو اسرار هائيٽس بلاڪ 13 گلستان جوهر ڪراچي 03072509129....ڊفينڊنٽ
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس ۽ ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ...

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم II دوڙ
(روبرو جناب عنايت علي ميمڻ)
فيملي سوٽ نمبر 62 سال 2025
مسمات حياتان ڌيءُ مرزو خان ڪوسو رهاڪو ڳوٺ ليمون خان ڪوسو دوڙ ٽائون حال راضو آباد محلو دوڙ...پلينٽف...خلاف: گل داد علي ولد مياندادو ڪوسو رهاڪو ڳوٺ چانديو فارم نزد زيرو پوائينٽ سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽ
نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 29-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ ...

وزير ۽ سينيئر وزيرن سان سنڌو سنڌون ڳالهه ٻولهه شروع ڪندو ان موقعي تي جامشورو چيمبر جي سينئر نائب صدر محمود صاحب، حيدرآباد چيمبر آف سمال ٽريڊرز اينڊ سمال انڊسٽري جي سرپرست سيٺ امين ڪتري، سينئر نائب صدر احمد ادريس چوهاڻ ڪي ٽي آءِ جي چيئرمين خليل بلوچ نور آباد جا آفيسر ۽ سائيٽ حيدرآباد جي صنعتڪارن جي وڏي انگ موجود هئي. پروگرام جي ميزباني يونيڪ گروپ آف ڪمپنيز جي ڊائريڪٽر علي احمد گهانگرا ڪئي جڏهن ته اويس گهانگرا سميت معزز مهمانن جي اعزاز ۾ هڪ شاندار ۽ جامع استقباليه خطاب ڪيو

بقايا | 2 | پيش ڪيا

سنڌ جي تاريخي ڪلچر ۽ ماڳن ۽ عمر ماروي جي قصي بابت ٽيبلو پيش ڪيا.قومي فنڪار صداقت وسطڙو قومي گيت "ٻڌائي واه واه ڪرائي ڇڏيو تقريب ۾ ايم اي سيد حسن علي شاه،ٽائون چيئرمين امتياز آرائين ،گلاب ڪيريو امير علي شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي.اڳواڻن چيو ته سنڌ جي تاريخ پنج هزار ڪان مٿي آهي سنڌ جي ثقافت دنيا جي ثقافت ۾ 3 نمبر تي آهي. سنڌ جي ثقافت ڪلچر ملهائڻ ڪين.جڏهن ته آيل مهمانن کي اجرڪ ٽوپي جا پڻ تحفا پيش ڪيا..

بقايا | 3 | حاصل ڪيو

تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي جنهن بعد رسول خدا جي شان ۾ نعت پڙهي وئي. پروگرام ۾ شاگردن قومي گيتن تي رقص ڪيو ٽيبلو پيش ڪيو ۽ تقريرن جو مقابلو ڪيو پروگرام ۾ . پروگرام جي روح روان استاد امر بخش دونڙيون هيڊ ماسٽر ميزباني جا فرائض انجام ڏنا. پروگرام ۾ ٽرمينل امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٽرافي، ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا ويا. پروگرام ۾ ...

جي سياحن کي سنڌ جي ثقافت سان روشناس ڪرائڻ ۽ تفريحي موقعا فراهم ڪرڻ حڪومت جو مقصد آهي.ان موقعي تي ريجنل ڊائريڪٽر سياحت مخدوم گلزار حيدرآباد انتظاميه ميڊيا ۽ عوام پاران سفاري ٽرين جي گرمجوش استقبال تي خوشي جو اظهار ڪيو بعد ۾ سفاري ٽرين حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تان ڪوٽڙي/زيرو پوائنٽ ڏانهن رواني ٿي وئي

بقايا | 9 | اياز پليجو

اسان کي لطيف جي فڪر اڪ التي ڏار واري واٽ وٺي هلڻ گهرجي هن چيو ته انسان بيرقرار ته هجي ها ته ترقي نه ڪري ها. شيخ اياز هڪ درس آهي شيخ اياز مزاحمتي شاعر به هو اديب تاج جويو چيو ته سنڌ ۾ پورهيتن عورتن کي شاهه عبداللطيف ڳايو آهي. مزدورن ۽ پورهيتن کان به ڳايو آهي شيخ اياز ۽ نارائڻ شام ڀٽائي جي تسلسل کي وڌايو تعصب بدران فڪر کي اجاگر ڪيو

بقايا | 10 | منظرنامو سيشن

جمهوريت کي نيون شڪون وجهي دٻايو پيو وڃي صحافت اڳ ۾ باشعور بڻائيندي هئي اها هاڻ ڪمزور ٿي رهي آهي پرنٽ ميڊيا ختم ٿي رهي آهي اي آئي انساني تخليق کي ختم ڪري رهي آهي اڳ ۾ اسان سان صحافي عوام جي آزادي لاءِ وڙهندا هئاسين پريس جي آزادي عوام جي آزادي ٿي آهي جيڪا هاڻ ڪسي وئي آهي انساني حقوق جو تصور 1948 يو اين او ڏنو جيڪو تصور وڏيڪ ابري سامهون آيو هن چيو ته سڀ انسان برابر آهن هن چيو ته اقليتن جا حق وڏا اهميت رکن ٿا. پاڪستاني معاشري ۾ سڀ انسان برابر ناهن هن چيو ته پسمانده ۽ پيڙهيل ماڻهن جي نمائندگي ڪرڻ آهي هن چيو ته ڪمزور ماڻهن کي طاقتور بڻائڻ جي ضرورت آهي هن چيو ته اسان وٽ سوشل ...

ريجنل اڪيڊمڪ مئنيجر ڪوآرڊينيٽر حفيظ الرحمان دراني خطاب ڪندي چيو ته ثقافتي ميلو سنڌ جي ثقافت جو شان آهي جنهن ۾ اسان پنهنجي تهذيب تمدن جي الڳ سڃاڻپ رکي آهي ، جيڪا اسان لاءِ وڏو اعزاز آهي ، تقريب کي اسڪول پرنسپل ميڊم سميرا ملاح خطاب ڪندي چيو ته اسڪول ۾ ثقافتي ميلو منعقد ڪرڻ جو مقصد پنهنجي تاريخي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ آهي جنهن ۾ اسان پنهنجي ثقافتي ڪمن جي نمائش ڪرائي آهي ، تقريب ايڊمن محمد عباس سليو ، ميڊم غزالا شاهه ، آبادگار اڳواڻ نبي سليو ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو . جڏهن ته شاگردن ۽ شاگردياڻين ميلي ۾ قومي گيتن تي جهمريون پائي داد حاصل ڪيو.

بقايا | 16 | ڊويزن جو اجلاس

صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي جي صدارت ۾ ٿي گذريو

بقايا | 17 | تي تعزيت ڪئي

الياس ڏامراه گسنا اڳواڻ اختر علي ڏامراه جي امڙ لاڏاڻو ڪري وئي جنهنجي جنازي نماز اڄ شام 6 وڳي ڳوٺ حاجي ڏاتم خان ڏامراه ۾ ادا ڪئي ويندي

بقايا | 18 | ٽيسٽ ايونٽ

سبجيڪٽس (انگلش فزڪس ڪيمسٽري، بائيولاجي ۽ ميٿس) ۾ ميگا ٽيسٽ ايونٽ ڪاميابي سان منعقد ڪيو ويو ميگا ٽيسٽ جو بنيادي مقصد شاگردن جي تعليمي صلاحيتن جي جانچ همت افزائي ۽ معياري تعليم کي فروغ ڏيڻ هو هن علمي ايونٽ ۾ علائقي جي 12 مختلف اسڪولن مان لڳ ڀڳ 700 شاگردن ڀرپور شرڪت ڪئي جيڪا تعليم بابت وڌندڙ شعور ۽ اعتماد جو چٽو ثبوت آهي تقريب ۾ خانپور مهر جون معزز شخصيتون محترم زبردست خان مهر صاحب ۽ چيف مانيٽرنگ آفيسر محترم عمران علي سيال صاحب خصوصي مهمان طور شرڪت ڪئي ۽ شاگردن جي حوصلا افزائي ڪندي تعليم کي قوم جي ترقي لاءِ بنيادي ذريعو قرار ڏنوان موقعي تي اسڪول جي پرنسپال محترم عبدالحنان ڪلوڙ صاحب خطاب ڪندي چيو ته اهڙن مقابلي وارن ٽيسٽن سان شاگردن ۾ مثبت مقابلي جو رجحان پيدا ٿئي ٿو جيڪو مستقبل ۾ ميڊيڪل انجنيئرنگ ۽ جنرل يونيورسٽين ۾ داخلا حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو هن ٻڌايو ته هي ٽيون دفعو آهي جو اسڪول طرفان تسلسل سان ميگا ٽيسٽ جو اهتمام ڪيو ويو آهي. آخر ۾ اسڪول انتظاميا طرفان صحافين ۽ ميڊيا نمائندن کي اپيل ڪئي وئي ته هو اهڙين تعليمي سرگرمين کي اجاگر ڪن جيئن شاگردن جي حوصلا افزائي سان گڏ تعليم دوست قدمن کي عوام تائين پهچائي سگهجي تعليم همت ۽ مستقبل جي تعمير لاءِ اهڙا قدم علائقي جي تعليمي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن ...

بقايا | 19 | چار ڌاڙيل گرفتار

AQ ڪيو ويو ، گولي ۽ لٺيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا ست ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين ۾ محمد هاشم ڀرائي ، اسد علي ڀرائي ، شبير ڀرائي ، هدايت ڀرائي ، ساجن ڀرائي ، نثار ڪلوئي ۽ ٻيا شامل آهن اطلاع تي بي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي جهيڙي تي ضابطو آندو ۽

بقايا | 20 | قتل ڪري ڇڏيو

سڃاڻپ ڪئي آهي جن بابت جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا | 21 | منعقد ڪيو ويو

ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد صادق سيال ٿيليسيميا بابت ڪين مڪمل ۽ پيرائتي ڄاڻ سميت ان کان بچاءُ جا سبب پڻ ٻڌايا ۽ ڪين ان ڳالهه جو پڻ پابند ڪيو ته هو شاديءَ کان اڳ ٿيليسيميا جي ٽيسٽ ايچ بي اليڪٽرو فوريسس ضرور ڪرائين جيڪا اسين مفت ۾ ڪري رهيا آهيون ان کان اڳ پرنسپال ميڊم قرة العين ميمڻ آيل

مهمانن کي گلدستا پيش ڪري سندن شاندار آڌرڀاءُ ڪيو جنهن بعد اسڪول جي شاگردياڻين پاڪ آرمي جو لباس پهري ملي نغمه پيش ڪيا سيمينار ۾ مس عائشه ۽ ٿيليسيميا فائيٽر دانش تنيو پڻ ٿيليسيميا بابت ڳالهايو سيمينار جي پڄاڻي تي غلام نبي چنه پاران جاڙايل موضوع تي سوالن جوابن جو سيشن رکيو جنهن تي درست جواب ڏيندڙ شاگردياڻين کي انعام ڏنا ويا جڏهن ته ڪامياب آگاهي سيمينار ٿيڻ تي ٿيليسيميا ڪوآرڊينيٽر آغا راشد ۽ اسٽيج سيڪريٽري مس فائزه کي داد ڏنو ويو

بقايا | 22 | ڌرڻو روڊ بلاڪ

آهي. چيلهار پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي. ٻئي پاسي فوتي گورڌن ولد سروڻ مينگهواڙ جي وارثن پاران چيلهار پوليس تي ملوث حقيقي جوابدارن خلاف ڪيس داخل نه ڪرڻ تي فوتي جو لاش کڻي ڪشمير چوڪ مٿي تي رکي سخت احتجاجي ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي عورتون ٻڙي مرد ۽ شهري وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويا ۽ روڊ بلاڪ ٿي ويو. جڏهن ته فوتي جي وارثن ميڊيا کي ٻڌايو ته ڳوٺ پارو جو ٽڙ جي ظالم وڏيري سٽيڏان سنگهه ٺڪر ٻين سائين سان گڏجي گورڌن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو ۽ هن اهڙيون ڌاڙهون مينگهواڙ برادري جي معززين کي به ٺڪرن جي ظلمن بابت ڌاڙهون ڏنيون هيون پر سائنس ڪابه داد رسي نه ٿيڻ ڪري هن مجبور ٿي خودڪشي ڪري ڇڏي. ٻئي پاسي ڊي ايس پي مٺي ماجد قائم خاني ۽ ايس ايڇ او مٺي قادر بخش ڀرائي ڪشمير چوڪ تي پهچي فوتي جي وارثن سان ڳالهيون ڪيون ۽ ڪين يقين ڏياريو ته اسان ڪيس جي شفاف طريقي سان جاچ ڪري ملوث جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ جو يقين ڏياريون ٿا.

بقايا | 23 | افسوس جو اظهار

وڃي، جيئن متاثر خاندان کي انصاف فراهم ٿي سگهي ايم پي اي سنڌ سريندر ولاسائي وڌيڪ چيو ته ايس ايس پي ٿرپارڪر کي هن واقعي جي مڪمل، غيرجانبدارانه ۽ شفاف جاچ ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن اها حقيقت سامهون اچي سگهي ته آخر ڪيئن ۽ ڪهڙين حالتن سبب هڪ بيگناهه شخص پنهنجي خاندان تي هڪ بااثر وياجخور جي مبينا ظلمن خلاف وڙهڻ بدران پنهنجي زندگي جو خاتمو ڪرڻ تي مجبور ٿيو

بقايا | 24 | داد حاصل ڪيو

وئي. پروگرام ۾ شاگردن قومي گيتن تي رقص ڪيو ٽيبلو پيش ڪيو ۽ تقريرن جو مقابلو ڪيو پروگرام ۾ . پروگرام جي روح روان استاد امر بخش دونڙيون هيڊ ماسٽر ميزباني جا فرائض انجام ڏنا. پروگرام ۾ ٽرمينل امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ٽرافي، ميڊل ۽ سرٽيفڪيٽ پيش ڪيا ويا. پروگرام ۾ استاد راڻا احسان راجپوت، استاد نجف علي زرداري، استاد فرمان علي زرداري، استاد سيد منير الحسن شاهه صحافين شهرين ۽ شاگردن ۽ شاگردياڻين شرڪت ڪئي.

بقايا | 25 | منعقد ڪئي

لڪي ۽ غير ملڪي ايٿليٽس پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪرائي آهي

بقايا | 26 | داخل نه ٿيو

پرسان ڳوٺ قاضي احمد ٻانڀڻ ۾ 9 ڏينهن اڳ نجي ڪي ٽي وي جي رپورٽر سينئر صحافي قاضي شمس ٻانڀڻ جي نوجوان پٽ شايان علي ، پائيٽي عابد لطيف کي ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪرڻ ، 8 سالا معصوم بار راشد خالد کي اغوا ڪري گم ڪرڻ واري واقعي جي مويا پوليس ايف آءِ آر داخل ڪري نه سگهي آهي نه وري واقعي ۾ ملوث ڪنهن جوابدار کي پوليس گرفتار ڪري سگهي آهي ، ٽنڊو محمد خان جي صحافين جي وفد مويا ٿاڻي تي پهچي واقعي بابت پوليس کي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ درخواست ڪئي پر پوليس اهو

چٽي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته سرڪاري اسپتال مان زخمين جا ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ اچڻ بعد ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي جڏهن ته پوليس جي اهڙي رويي تي صحافين پنهنجو پرامن احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ هنگامي اجلاس طلب ڪري اعليٰ اختيارين کان واقعي جو فوري طور نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا | 27 | احتجاج

ڪئمپ تي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون،نصرت خاصخيلي، صبا سمون، ماروي خاصخيلي، قومي عوامي تحريڪ ضلعي حيدرآباد جي صدر نذير بليدي، نائب صدر بابو ميمڻ معشوق چانڊيو مرڪزي نگران ايڊووڪيٽ زاهد پنهور خادم سمون رفيق ڪنراڻي، راول سيال رب ڏنو ملڪ واحد چانڊيو بابو سولنگي جمن سولنگي سميت وڏي تعداد ۾ ڪارڪنن شرڪت ڪئي.ب

بقايا | 28 | شاهه شيرازي

ايمان ماڻهن جي خدمت ڪرڻ آهي اسان شيرازي ڀائرن ڪڏهن به ماڻهن کي اڪيلو نه ڇڏيو آهي

بقايا | 29 | جوابدار گرفتار

پوليس ٻن جوابدارن مدثر ۽ صدورو خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي فرياد موجب جوابدارن نينگري کي شيءِ ڏيڻ جو جهانسو ڏئي ٻئي گهر وٺي وڃي زيادتي جي ڪوشش ڪئي پوليس ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا | 30 | هڪ ڄڻو فوت

نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جي سڃاڻپ ڳوٺ ٽنڊو نظر علي واسي اختيار علي پنهيار طور ٿي آهي اسپتال انتظاميه ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا | 31 | ڪيس داخل

،عبدالغني ۽ ٻين کي نامزد ڪيو ويو آهي. ڪيس جي متن موجب گذريل رات گشت

دوران مختلف ڪيسن ۾ گهربل جوابدار دائم شر جي مسو واهه پل وٽ موجودگي جو اطلاع مليو،جوابدار دائم شر جي گرفتاري لاءِ ڦاسائين ۽ جوابدار دائم شر کي گرفتار ڪيو ته ان کي ڇڏائڻ جي لاءِ ڪيس ۾ جاڙايل جوابدارن پوليس سان جهيڙو ڪيو ۽ پوليس اهلڪارن کي ڌڪا ڏوڙا ڏيئي ڊيوٽي اٽڪاءُ ڪيو واضح رهي ته گذريل رات خانپورمهر پوليس ڳوٺ سوالي خان شر ۾ چڙهائي ڪئي هئي جنهن دوران پوليس ۽ ڳوٺاڻن وچ ۾ جهيڙو ۽ ڇڪريون ٿيون هيون پڻ ٿيون هيون

بقايا | 32 | جوابدار گرفتار

پوليس معصوم ٻارڻ کي ورغلايي ساڻن جنسي زيادتي ڪندڙ گينگ جي ٻن اهم جوبدارن مدثر لغاري ۽ سدورو خان کي مريم گارڊن مان گرفتار ڪري هنن وٽان موبائيل فون وغيرا هٿ ڪيا آهن ۽ جوابدارن تي اهڙو ڪيس داخل ڪيو آهي پوليس موجب جوابدار ڪيتري اي عرصي کان اهڙي ڪڌي ڪم ۾ رڌل هوا

بقايا | 33 | 2 نينگر فوت

کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر چوهڙ جمالي پيئي ويو جيڪو پڻ رستي ۾ فوت ٿي ويو آهي اسپتال عملي پاران ٻنهي فوت ٿيل معصوم ٻارڙن جا لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا آهن ٻئي طرف فوتي ٻنهي ٻارڙن جي گهرڻ ۾ روڄ راڙو مچي ويو آهي

بقايا | 34 | ڌاهاڙو ملهايو ويو

سنڌ جي قديم ريتن ۽ رسمن کي ٽيبلوز طور پيش ڪيو ويو

بقايا | 35 | ڌاڙيل مارجي ويا

غمني گوپانگ بهادر عمراڻي شامل آهن مارجي ويل ڌوهارين تي پنجاب حڪومت طرفان زنده يا مرده انعام 50 لک مقرر ٿيل هو هوڌانهن آپريشن دوران پوليس کي وڏي ڪاميابي ملي آهي جنهن ۾ هڪ مهينو اڳ اغوا ٿيل رحيميارخان جي رهواسي رياض احمد ۽ عمر آرائين کي بازياب ڪرائڻ جي پڻ دعوا ڪئي آهي

NLC National Logistics Corporation
ضرورت HTV/ہیوی ٹرانسپورٹ ٹرالرڈرائیورز

نیشنل لاجسٹکس کارپوریشن (این ایل سی) کو پیشہ ورانہ اور تربیت یافتہ اہلیت کے حامل HTV/ہیوی ٹرالرڈرائیورز کی خالی آسامیوں پرفوری بھرتی کے لیے درخواستیں مطلوب ہیں۔

نوٹ: عمر کی بالائی حد 28 سے 52 سال ہے اور طبی لحاظ سے مکمل فٹ۔ تعلیمی قابلیت: کم از کم مڈل ترجیحاً میٹرک۔

ضابطے کے مطابق HTV ڈرائیونگ لائسنس کا ہونا ضروری ہے۔ ماہانہ تنخواہ -/69,752 روپے بشمول ماہانہ راشن الاؤنس۔ بہتر کارکردگی کی بنیاد پر تنخواہ کے علاوہ ماہانہ -/40,000 روپے تک اضافی بونس اور ماہانہ رننگ ٹارگٹ پورا کرنے پر -/15000 سے -/30000 تک کا کیش ایوارڈ۔ کارکردگی کی بنیاد پر سالانہ (8-4) بنیادی تنخواہ کے مساوی بونس۔ این ایل سی سروسز قوانین کے تحت چھٹیاں، CP فنڈ، گروپ انشورنس اور مفت طبی سہولیات۔ فیملی کے لیے سالانہ -/200000 روپے تک کا میڈیکل الاؤنس۔ ٹیسٹ انٹرویو درج ذیل مقامات پر منعقد ہوں گے جن کے لیے کوئی ٹی اے/ڈی اے نہیں دیا جائیگا۔

خواہشمند امیدواران اپنی درخواست بمعہ تصدیق شدہ اسناد، قومی شناختی کارڈ اور ڈرائیونگ لائسنس کے ہمراہ تشریف لائیں۔

ہیڈکوارٹر لاجسٹکس سروسز
نزد نیو حاجی کیمپ سلطان آباد کراچی
فون نمبرز: 021-99023436, 0311-2987830

لیکویڈ کارگو یونٹ۔ لانڈھی
بالمقابل ڈسٹرکٹ بچہ جیل ملیر، کراچی
فون نمبرز: 0340-5788188, 0333-3939671

ٹرانس فریٹ سٹیشن بہاولپور
فون نمبرز: 0313-5051839, 0313-5052209

لیکویڈ کارگو یونٹ مندرہ راولپنڈی
فون نمبرز: 0315-7374767, 0313-5000276

ڈرائی کارگو یونٹ لانڈھی کراچی
فون نمبرز: 0313-2306608, 0313-9261738

ٹرانس فریٹ سٹیشن ٹھوکر نیاز بیگ لاہور
فون نمبرز: 0309-8633067, 0300-8020726

آفيس آف دي چيئرمين
ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي

T.C.D DIGHRI

No. T.C/DGHR/1164/2025 Dated: 16.12.2025

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ سمورن دلچسپي رکندڙ ڪانٽريڪٽرن / فرمن / ڊرين کان ايس پي پي آر اي رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) موجب سنگل اسٽيج ٽو انويلپ طريقيڪار سان مهربند ٽينڊر گهربل آهن.

نمبر شمار	ڪم جو نالو	ڪٽيل رقم	5% واڪ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
01	ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص جي نئين آفيس بلاڪ جي تعمير.	17964270	5%	5000	36 مهينا
02	ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص جي جيم خانا بلڊنگ جي تعمير.	11437710	5%	5000	36 مهينا
03	پبلڪ پارڪ ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص جي واڪنگ ٽريڪ ۽ چوديواري جي تعمير.	5429500	5%	5000	36 مهينا

واڪ/ٽينڊر دستاويز:

پهريون ڀيرو:

شيڊيول	تاريخ ۽ وقت	هنڌ
ٽينڊرن جو اجراءُ	26.12.2025 کان 12.01.2026 آفيس وقت دوران	آفيس آف دي چيئرمين TC ڏگهڙي
ٽينڊرن جو جمع ڪرائڻ	12.01.2026 صبح 10:00 وڳي	آفيس آف دي چيئرمين TC ڏگهڙي
ٽينڊرن جو کولڻ	12.01.2026 صبح 11:00 وڳي	آفيس آف دي چيئرمين TC ڏگهڙي

ٻيون ڀيرو
موٽ نه مليل ٽينڊر هيٺ ڏنل تاريخن ت ٻيهر جاري ڪيا / جمع ڪرايا / کوليا ويندا:

شيڊيول	تاريخ ۽ وقت	هنڌ
ٽينڊرن جو اجراءُ	13.01.2026 کان 28.01.2026 آفيس وقت دوران	آفيس آف دي چيئرمين TC ڏگهڙي
ٽينڊرن جو جمع ڪرائڻ	28.01.2026 صبح 10:00 وڳي	آفيس آف دي چيئرمين TC ڏگهڙي
ٽينڊرن جو کولڻ	28.01.2026 صبح 11:00 وڳي	آفيس آف دي چيئرمين TC ڏگهڙي

1. ٽينڊر دستاويز ٽينڊر جي ناقابل واپسي لاڳت جي پي آرڊر ذريعي جيڪا ڪنهن شيڊيول بينڪ مان چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي حق ۾ جاري ڪيل هجي، جي ادائگي ۽ لکت درخواست جمع ڪرائڻ تي ڪنهن به ڪم واري ڏينهن تي مٿي ڏنل ائڊريس تي وڪري لاءِ دستياب آهن. ٽينڊر کولڻ واري تاريخ تي ڪوبه ٽينڊر وڪرو نه ڪيو ويندو.
2. سوٽي رقم کل واڪ رقم جو 5% ٽينڊر سان گڏ پي آرڊر گڏ ڪال ڊپازٽ ڪنهن به شيڊيول بينڪ وٽان بحق چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي جي جاري ٿيل شامل هئڻ گهرجي.

اهليت جو معيار: لاڳاپيل اختيارين وٽ (انڪم /سيلز ٽيڪس جتي لاڳو هجي) تي رجسٽرڊ گڏ سنڌ روينيو بورڊ سان اڄ تائين ڪارگر اسٽيٽس سميت هئڻ گهرجي.

پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار: سنگل اسٽيج ٽو انويلپ :

شرط ۽ ضابطا

i. گذريل ٽن سالن دوران سر انجام ڏنل ساڳي نوعيت جي ڪمن جو تجربو ڪم جي ڪٽيل لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 80 سيڪڙو لاڳت رکندڙ ساڳي نوعيت جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم: يا ڪم جي ڪٽيل لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو لاڳت رکندڙ ساڳي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ 2 ڪم (جون 2026) گڏو گڏ تڪميلي سرٽيفڪيٽ دستاويزي ثبوت سان.
ii. فرم وٽ ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي بايوڊيٽا.
iii. گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم/پروجيڪٽ جي مساوي لاڳت کان نه گهٽ سراسر ساليانو فنانشل ٽرن اوور (ٽرن اوور ساليانو گوشوارن ۽ آڊٽ رپورٽس مان چنڊڇاڻ ڪئي ويندي).
iv. گذريل ٽن سالن دوران (ICAP) رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان ساليانيون آڊٽ رپورٽون. ICAP رجسٽرڊ آڊٽ فرم کانسواءِ ڪنهن ٻي آڊٽ رپورٽ کي قبول نه ڪيو ويندو.
v. بينڪ سرٽيفڪيٽ جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 20% (ساليانو بيلينس في سال جي حساب سان گذريل 05 سالن دروان (جون 2025) کل ڪٽيل رقم جي بينڪ اسٽيٽمينٽ سميت ڏيکو پوندو. هر هڪ سال لاءِ جدا پهرين جولاءِ کان 30 جون تائين گذريل 03 سالن جي پيش ڪرڻي پوندي ۽ بينڪ جو تازو سرٽيفڪيٽ ته بيلينس موجود آهي.
vi. فرم/ڪمپني جي مالڪ پاران ٽيڪنيڪل پروپوزل جي هرهڪ صحفتي مهر لڳل ۽ صحيح ٿيل هجي.
vii. اصل حلف نامو ته واڪ ڏيندڙن ۽ سندس ملازم ڪنهن به گورنمينٽ يا سيمي گورنمينٽ، خدمختيار اداري يا اسٽيٽ اونڊ آرگنائزيشن پاران ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه رهيا آهن ۽ نه سندن ڪيس بليڪ لسٽڊ جو ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي.
viii. ڪارگر اليڪٽرڪ ورڪ جو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ميرپورخاص اليڪٽرڪ ريجن مان جار ٿيل ڊسمبر 2025 اليڪٽرڪ انسپيڪٽر/سيڪريٽري لائسنسنگ بورڊ ميرپورخاص وٽان جاري ٿيل هئڻ گهرجي.
ix. فنانشل پروپوزل انهن فرمن جون کوليون وينديون جيڪي لازمي گهرجون پوريون ڪري سگهنديون.
x. هر هڪ ڪم لاءِ جدا پروفائل تي درخواست ڏيو.

پروڪيورمينٽ جو طريقيڪار:
سنگل اسٽيج ٽو انويلپ طريقيڪار لازمي طور جدا بند لفافي ۾ ٽيڪنيڪل پروپوزل تي مهر لڳل صحيح ٿيل ۽ فنانشل پروپوزل تي پڻ لڳل هئڻ گهرجي. لفافي تي واضح طور ٽيڪنيڪل پروپوزل ۽ فنانشل پروپوزل ٺلهن اکرن ۾ مونجهاري کان بچڻ لاءِ لکيل هئڻ گهرجي ٻي صورت ۾ ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
واڪ/ٽينڊر دستاويز:

ii. ٽيڪي جا دستاويز ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا ايس پي پي آر اي جي سرڪاري ويب سائيٽ: https://ppms.pprasindh.gov.pk/PPMS/. تان ڊسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. مٿي ڄاڻايل ٽينڊر في جي رقم ۽ واڪ لاڳت ۽ ڪٽيل لاڳت جو 5% واڪ سيڪيورٽي ڪال ڊپازٽ/ پي آرڊر/ ڊمانڊ ڊرافٽ/ بينڪ گارنٽي جي صورت ۾ پاڪستان جي ڪنهن شيڊيولڊ بينڪ مان ايگزيڪيوٽنگ انجنيئر بلڊنگز ڊويزن ميرپورخاص جي نالي ۾ (فرم جي نالي) جي اڪائونٽ مان واڪ/ ٽينڊرن سان لازمي شامل هئڻ گهرجي. ٻي صورت ۾ اهڙا ٽينڊر غور حاصل نه ڪندا.
iii. مڪمل ٽيڪنيڪل پروپوزل جي چنڊڇاڻ واسطي چنڊڇاڻ معيار، سڀ معيار ها/نه يا پاس/فيل تي ٻڌل آهي، جيڪڏهن هڪ واڪ ڏيندڙ ڪنهن معيار يا سڀ معيار ۾ ها حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ويو ته ان کي نااهل ڪيو ويندو.
iv. ٽينڊر پروڪيورمينٽ ڪميٽي/حصي وٺندڙ /فرمن يا سندن مجاز نمائندن جي روبرو کوليا ويندا.
v. فرمن جي فني لياقت واسطي چنڊڇاڻ لاءِ ٽيڪنيڪل پروپوزل کوليا ويندا ٽيڪنيڪلي ڪواليفائيڊ فرمن جا فنانشل واڪ/ پروپوزل ڪواليفائيڊ ٺيڪيدارن/ فرمن کي لکت ۾ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت بابت آگاهه ڪيو ويندو. ٽيڪنيڪلي ڊسڪواليفائيڊ فنانشل واڪ/ پروپوزل ترتيبوار واڪ ڏيندڙن کي بنا کولڻ جي واپس ڪيا ويندا.
vi. واڪ سيڪيورٽي ٽيڪنيڪلي طور واڪن جي رد ٿيڻ يا متائون ريٽ هئڻ جي صورت ۾ واپس ٿيڻ لاءِ ڪامياب واڪ ڏيندڙن کي ورڪ آرڊر جاري ڪرڻ کانپوءِ واپس ڪئي ويندي.
vii. چيئرمين/ ميمبر ڪميٽي جي هيڊڪوارٽر کان ٻاهر هئڻ جي صورت ۾ ٽينڊر ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي شيڊيول موجب کوليا ويندا.
viii. جوائنٽ وينچر جي اجازت نه هوندي.
ix. تازو قسم نامو: ته فرم ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث ناهي ته فرم کي ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.
x. تازو قسم نامو: ته فرم ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ وفاقي صوبائي يا ڪنهن به گورنمينٽ کاتي کان تڪرار ۾ ملوث ناهي ۽ نه فرم کي ڪڏهن به بليڪ لسٽ ڪيو ويو آهي.
xi. مالڪ پاران جديشل اسٽامپ پيپر تي هڪ نمائندي کي مالڪ پاران شرڪت ڪرڻ لاءِ اختيار ڏنل هجي. جديشل اسٽامپ کانسواءِ ڪنهن ٻي اختياري کي قبول نه ڪيو ويندو ۽ اهڙن ٽينڊرن کي منظور نه ڪيو ويندو
xii. جيڪي دستاويز ڏنا ويا آهن ۽ معلومات ڏني ويئي آهي اهي سڀ صحيح ۽ سچا آهن. ڪوڙي/ هٿ چراند ڪيل يا غلط معلومات/ سرٽيفڪيٽ فراهم ڪندڙ ڪمپني/ فرم کي ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪري سگهجي ٿو.
xiii. ٽينڊر مٿين گهربل ڪاغذن / معلومات سان گڏ اماڻيا ويندا، جيڪڏهن اهڙي گهربل معلومات/ ڪاغذ جي موجود نه هئڻ جي صورت ۾ پروڪيورنگ ڪميٽي پاران ان تي غور نه ڪيو ويندو ۽ اهڙا ڪاغذ پهچائڻ جي تاريخ ۽ وقت کانپوءِ قبول نه ڪيا ويندا
xiv. ڪوڙي/ هٿ چراند ڪيل يا غلط معلومات/ سرٽيفڪيٽ فراهم ڪندڙ ڪمپني/ فرم کي ڪنهن به مرحلي تي بليڪ لسٽ ڪري سگهجي ٿو.
xv. ٽينڊر پيش ڪرڻ ، کولڻ جو هنڌ هيٺين ريت آهي.

ايڊريس: آفيس آف دي چيئرمين ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي ويجهو مختيارڪار روينيو آفيس ڏگهڙي
فون نمبر: 869331-0233 فيڪس: 869331-0233

شرط ۽ ضابطا:
اي) هيٺ ڄاڻايل شرطن وارا واڪ رد ڪيا ويندا:
i) شرطيه، اليڪٽرونڪ ۽ ٽيليگرافڪ واڪ / ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
ii) واڪ سيڪيورٽي جي گهربل رقم ۽ صورت ۾ شامل نه ٿيل واڪ.
iii) مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کانپوءِ وصول ڪيل واڪ.
iv) پروڪيورمينٽ اختياري ڪي به يا سمورا / ٽينڊر SPPRA رولز 2010 (هيستائين ترميم ٿيل) موجب منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
v) واڪ جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن

چيئرمين
ٽائون ڪميٽي ڏگهڙي

INF/KRY.No.4435/2025

i WORK FOR SINDH JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
www.iwork4sindh.com

حيدرآباد سنڌ جو ڪاروباري مرڪز آهي، سنڌ جي ترقي ۾ تمام اهم ڪردار آهي: زرداري شرجيل

بجلي، گئس، انفراسٽرڪچر ۽ ٽيڪسز مسئلن جي حل لاءِ سنڌ حڪومت سان گڏيل اجلاس سڏائڻ جو اعلان

حيدرآباد سائيٽ کي ڊجيٽل ڪرڻ، سولر لائيٽنگ ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائون لڳائڻ جا واعدا

صنعتڪارن پاران توانائي بحران، اعلي ٽيرف ۽ ڪمزور انفراسٽرڪچر سبب پيداوار ۾ 40 سيڪڙو گهٽتائي جو انڪشاف

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد سائيٽ ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري جي پليٽ فارم تي صنعتڪارن کي خطاب ڪندي وزيراعلي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته حيدرآباد سنڌ جو ڪاروباري مرڪز آهي ۽ ان جي ترقي ۾ تمام اهم ڪردار آهي ڪردار سنڌ صوبي جي معيشت ۽ ملڪ کي صنعتي ترقي جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪيون وينديون... بقايا نمبر 5 ڊسمبر صفحو 5

خانپور مهر: بارڊر اينٽري ٽيسٽ جو منظر

بلوچستان جي علائقي خضدار مان اغوا ٿيل سيڪڙن سيڪڙا واسي ۾ پوليس ڪارروائي

نوجوان بهادر ولد قربان کهڙو ۽ مبارڪ علي ولد جان محمد کهڙو ۾ پهچي ويا

سڪرنڊ (ن ع) بلوچستان صوبي جي خضدار واري علائقي مان روڊ جي تعمير ڪندڙ ۾ مزدوري ڪرڻ دوران ٻه بلوچ ڪمپني ۾ ... مهينا اڳ هٿياربندن هٿان اغوا ٿيل سين 13 چڻن سان گڏ سيڪڙا واسي 6 چڻن سان... بقايا نمبر 4 ڊسمبر صفحو 5

ڪراچي ۾ عالمي ڪتابي ميلو جاري، سياسي سماجي اڳواڻن سميت شهرين جو وڏو انگ پهتو

پاڪستان پبلشرز اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن پاران لڳايل ميلي ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪتابن جي نمائش

ملائيشيا، ترڪي، مصر، يو اي اي سميت 17 ملڪن جا پبلشرز ۽ بڪ سيلرز ۾ ميلي ۾ شامل آهن

ميلي ۾ 200 کان وڌيڪ اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن سميت 3 لک کان وڌيڪ شهرين شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) پاڪستان پبلشرز اينڊ بڪ سيلرز ايسوسيئيشن جي انتظام هيٺ ڪراچي ايڪسپو سينٽر ۾ جاري ڪراچي ورلڊ بڪ فيئر جو اڄ (آچر) ... ڏينهن جيڪو ڏينهن آهي ڪراچي ورلڊ...

ڪراچي: ورلڊ بڪ فيئر ۾ ڪتابن جي اسٽال تي عورتن ۽ شاگردن جي رش نظر اچي ٿي

شاهپورچاڪر لڳ ٽ پ اڳواڻ عاجز ڏاهراڻ ڀيڻ ڊاڪٽر الياس ڏاهراڻ سان ماڻ جي وفات تي تعزيت ڪئي

شاهپورچاڪر (ن ع) پيپلز پارٽي جي سابق سينيٽر حاجي ڏاهراڻ جي ڀيڻ ۽ ڊاڪٽر الياس ڏاهراڻ جي ماءُ جي وفات تي ... بقايا نمبر 17 ڊسمبر صفحو 5

حيدرآباد ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري 55 سالن جي شخص کي قتل ڪري ڇڏيو

حالي روڊ ٿاڻي جي حد آمريڪي ڪوارٽر ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ماما خان پٺاڻ مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، پوسٽ مارٽم بعد مڙهه وارثن حوالي

واقعو پراڻي دشمني سبب پيش آيو، مقتول ڪجهه اڳ جيل مان آزاد ٿيو هو ته قتل ڪيو ويو: پوليس

حيدرآباد (ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي حالي روڊ ٿاڻي جي حد آمريڪي ڪوارٽر ۾ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ 55 سالن جي شخص ماما خان محمد پٺاڻ کي قتل ڪري... بقايا نمبر 20 ڊسمبر صفحو 5

سڪرنڊ جي اسڪول ۾ ٿيليسيميا جي بيماري بابت ڄاڻ ۽ ان کان بچاءُ بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو

سڪرنڊ (ن ع) پيپلز پروگرام اسڪول شهيدبينظيرآباد پاران پرنسپال ميڊم قرت العين ميمڻ جي سهڪار سان اسڪول ۾ ٿيليسيميا جي بيماري بابت ڄاڻ ۽ ان کان بچاءُ بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو... بقايا نمبر 21 ڊسمبر صفحو 5

ميرپورماٿيلو: محڪمي ايم اين اي سيد اياز علي شاهه شيرازي تقريب ۾ شرڪ آهي

مٽي ۾ گهرائي خودڪشي ڇڏي، خط هٿ، وارثن پاران لاش رکي ٽرڊو روڊ بلاڪ

گورڏن مينگهواڙ خودڪشي ڪري زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو، فوتي جي کيسي مان خط هٿ

خط ۾ خودڪشي جو ڪارڻ گوٺ بارو جو ٽرڊو جي هڪ شخص جي ظلمن کان تنگ ٿي بڌايو ويو آهي

پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي، ڪيس داخل نه ٿيڻ خلاف لاش ڪشمير چوڪ ملي تي رکي ٽرڊو

ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او سان ڳالهين ۾ ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او سان مظاهرين وٽ پهچي ڊيري ٽرڊو ختم ڪرايو

ملي (ن ع) تعلقي ملي جي ڳوٺ خيرا جي ڪناري ۾ 40 سالن جي... بقايا نمبر 22 ڊسمبر صفحو 5

جام صاحب ۾ گورنمينٽ هائيئر سيڪنڊري اسڪول ۽ شاگردن پاران ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو

جام صاحب (ن ع) گورنمنٽ بوائز مين پرائمري اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ شاگردن نوان ڪپڙا پائي... بقايا نمبر 7 ڊسمبر صفحو 5

گوٺ هوبار ايڇ ايڇ ٿيو ته هڪ وفاقي وزير سرزمين ۾ سرسبز ورلائيسي جي آهي

ملوٽ ملزم سنگهان ڪي سا جي گهڻن جي تحريڪ ۾ حراست ۾ ورتو ويو: سرينڊر ولاسائي

ايس ايس پي ڊپارٽرڪ کي شفاف ۽ غيرجانبدار انڪوائري ڪري جي هدايت جو مطالبو

ملي (ن ع) ... بقايا نمبر 23 ڊسمبر صفحو 5

ڪلوئي: ضلعي ڪائونسل ٺٽيار ڪي چيئرمين غلام حيدر سيدپيج آفيس جو افتتاح ڪندي

ميرپور ماٿيلو ويجهو ڳاڙهن جي جرڳي ۾ سان هڪ جوابدار گرفتار

گوٺ ... جرڳي ڏيهي ۾ ... وڌو ميراماڻ خبرون منظر ۾ ... جي اي جي پوليس

ميرپورماٿيلو (نامه نگار) ... بقايا نمبر 26 ڊسمبر صفحو 5

مورو پوليس پاران ڏهه ڏينهن اڳ اغوا ٿيل شاگرد عمران سائيچڪي جي بازياب ڪرائڻ جي دعوي

گوٺ بهاول چانڊيو ۾ ڪارروائي ڪري جوابدار رحيم چانڊيو کي گرفتار ڪري شاگرد کي بازياب ڪرايو: پوليس

نامعلوم هٿياربندن موٽرسائيڪل ... بازياب ڪرايو آهي: عمران سائيچي

مورو (ن ع) ... بقايا نمبر 27 ڊسمبر صفحو 5

ڪنڊيري پوليس ڪارروائي، بارن سان جنسي زيادتي ڪرڻ جو جوابدار گرفتار

ڪنڊيري (ن ع) ... بقايا نمبر 37 ڊسمبر صفحو 5

خانپورمهر: وارداتن ۾ اضافو، هڪ ئي رات ۾ چور سوگهو پوليس حوالي

خانپورمهر (ن ع) ... بقايا نمبر 28 ڊسمبر صفحو 5

مورو ۾ ارڙهن جي بيماري ڪنڊهڙ سبب معصوم ٻار فوت، ڊاڪٽر ٽيم پهچي جائزو ورتو

بادڙي وارڊ نمبر 22 جي رهواسي اسد علي ٻگهيو جا ٻه ٽڪرن ۽ مسنون سوڙي مرض ڏهڻ فوت ٿي ويا

ٻارن کي ڪجهه ڏينهن کان ارڙهي جي علامتون ظاهر ٿي، مقامي اسپتال مان علاج ٿي هلندڙ هو، اڄ گذاري ويو: والد

اطلاع تي ڊاڪٽر سنار بلال ڊاڪٽر صفدر براڙو جي اڳواڻي ۾ ٽيم پهچي جائزو ورتو، هڪ ٻار فوت ٿيڻ جي تصديق

مورو (رپورٽ ...) ... بقايا نمبر 29 ڊسمبر صفحو 5

مورو: ارڙهي کي ڪڇي فوت ٿيل ٻار

ڪنڊيري لڳ ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر، عورت فوت، هڪ زخمي

ڪنڊيري (ن ع) ... بقايا نمبر 30 ڊسمبر صفحو 5

حيدرآباد: سنڌ ميوزيم ۾ منعقد اياز ميلي دوران عورت ڳائڻين شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري پيش ڪندي

شهدادپور ٿاڻي ۾ مارجي ويل چار عزيز ڪيس ۾ ايس ايڇ او جي ضمانت رد، فرار

سانگهڙ جي عدالت پاران غلام شبير ڏلوائي پوليس اهلڪار جي ضمانت رد ڪري ڇڏي

جوابدار ڏيهاڙي اچڻ ڪان ٿي ڪورٽ احاطي مان ڀڄي ويو، وارثن جو احتجاج، انصاف جي مطالبو

شهدادپور (ن ع) سيشن جج سانگهڙ جي عدالت پاران شهدادپور پوليس حراست دوران ... بقايا نمبر 5 ڊسمبر صفحو 5

شڪارپور ۾ ٽ پ لاڙڪاڻي ڊويزن جو اجلاس، ورسي جي تيارين جو جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ مرڪزي، قومي ۽ صوبائي قيادت، عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي

شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڇٽي صورت ۾ ... قومي زنجير هٿي، مقرر

شڪارپور (رپورٽ رحيم بخش جتوئي) شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 18 هين ورسي جي تيارين جي ... بقايا نمبر 6 ڊسمبر صفحو 5

سنڌ حڪومت جي ٽرڊيزرٽ ٽرين سفاري حيدرآباد ريلوي اسٽيشن پهتي

اي سي سيد نور حسين شاهه ٽرين جو استقبال ڪيو، گلن جو گلدستو پيش ڪيو ويو

حڪومت سياحت کي وڌيڪ سهولتون فراهم ڪري جا قدم کڻي رهي آهي: اي سي

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ حڪومت جي ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران ... بقايا نمبر 8 ڊسمبر صفحو 5

حيدرآباد: سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران منعقد ٿر ريگستاني ٽرين سفاري دوران عورت سياح سيلفي ڪڍي رهيون آهن

خانپور مهر جي گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ ميگا ٽيسٽ ايونٽ

ايونٽ ۾ علائقي جي 12 مختلف اسڪولن مان 700 شاگردن ڀرپور شرڪت ڪئي

ٽيسٽ جو مقصد شاگردن جي تعليمي صلاحيتن جي جاچ ۽ معياري تعليم کي فروغ ڏيڻ هو

خانپور مهر (رپورٽ: سڄڻ چند ڪوهلي) ... بقايا نمبر 18 ڊسمبر صفحو 5

ٽنڊوالهيار ويجهو ڪلوئي ۽ ٻهراڻي برادرين ۾ جهيڙو، ٻه زخمي، ٻه جڻا گرفتار

اسڪول ۾ شاگردن ۽ جهيڙي واري ڳالهه ڏين ۾ جهيڙو لي پيو، هڪ ٻئي تي فائرنگ، ليفين جو استعمال

ڪلوئي ۽ ليفين لڳڻ سبب ٻنهي طرفن جا ست جڻا زخمي ٿي پيا، 7 جڻن تي ڪيس داخل

ٽنڊوالهيار (ن ع) ... بقايا نمبر 19 ڊسمبر صفحو 5

حيدرآباد: ٽ پ اڳواڻ زاول شرجيل جي ڪمشنر زين العابدين ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪندي

ٽنڊو محمد خان صحافين جي پيٽ جو اغوا ڪيس داخل نه ٿيڻ، احتجاج

موبا پوليس 9 ڏينهن گذرڻ باوجود نه جوابدار گرفتار نه ڪري سگهي، نه ڪيس داخل ٿيو

صحافين جو موبا ٿاڻي ۽ ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب اڳيان احتجاج، نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان (ن ع) ... بقايا نمبر 31 ڊسمبر صفحو 5

سنڌياڻي ۽ قومي عوامي تحريڪ پاران ٻنهي ڏينهن ۾ قاسم آباد ۾ احتجاج

ڪئمپ تي زينت سمون، نصرت خاصخيلي، صبا سمون، نذير بليدي ۽ ٻين جي خطاب

سنڌ جي ماڻهن ۽ پاڻي تي قبضو سنڌ جا ماڻهو برداشت نه ڪندا: زينت سمون

مفاد پرست حڪمران سنڌ کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ جي حوالي ڪيو آهي: نذير بليدي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ... بقايا نمبر 32 ڊسمبر صفحو 5

اسان ضلعي ۾ تاريخي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ۽ جاري رهندا: اياز شاهه شيرازي

شيرازي پائرن ڳاڙهن ۽ عوام کي اڪيلو نه ڇڏيو آهي، هميشه ڏک ۽ سک ۾ گڏ رهيا آهيون

ترقياتي ڪمن ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو، عوامي نمائندن کي اڳيان ڪيو ويندو

ميرپورماٿيلو (ن ع) ... بقايا نمبر 33 ڊسمبر صفحو 5

فيصل آباد: گهوٽ معاملن جي صلاحڪار وزير سينيٽر طلال چوڌري سول ڊيفينس اسٽيبل ۾ ريسڪيو ريليف عملي کي موٽر سائيڪلون ڏيندي

ڪوٽڙي ۾ معصوم نياڻي سان بدفعلي جو افسوسناڪ واقعو پيش، هڪ جوابدار گرفتار

ائانڊرٽي محلي ۾ 11 سالن جي نياڻي سان مبينا زيادتي جي ڪوشش جو واقعو پيش آيو

ڪوٽڙي (ن ع) ... بقايا نمبر 34 ڊسمبر صفحو 5

خيرپور پرسان تيز رفتار ڪار گاڏي کي ٽڪر، هڪ سبب جڳهه فوت

قومي شاهراهه تي پيش آيل حادثي ۾ اختيار علي ولد پهنوار سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو وڃي جتي زخمن جو سور نه سهندي دم ٽوڙي ڇڏيو

خيرپور (رپورٽ ...) ... بقايا نمبر 35 ڊسمبر صفحو 5

خانپورمهر ٿاڻي تي 22 گهرڙن مٿان ڊيوٽي لڳائڻ جو ڪيس داخل

اي ايس آءِ عبدالحڪيم مهر جي فرياد تي 17 سڃاتل ۽ 5 اڻسڃاتل خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڳوٺ تي ڇاپا هنيا ويندا، هاڻي ٻن ڌرين جي ڳالهين ۽ ڳوٺاڻن جهيڙو ڪيو: موقف

خانپورمهر (ن ع) ... بقايا نمبر 36 ڊسمبر صفحو 5

ٽنڊوغلام علي: پوليس ڪارروائي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

حيدرآباد ۾ 11 هون اياز ميلو ٻئي ڏينهن به جاري، مختلف موضوعن تي

انسان بيوقوف ته هجي ها ته ترقي نه ڪري ها شيخ اياز هڪ درس آهي، شيخ اياز مزاحمتي شاعر ۽ هو ايازي پيڪر

سنڌ ۾ پرورش عورتن کي شاهه عبداللطيف ڳايو آهي، شيخ اياز ۽ نارائڻ شيام پاڻ جي تسلسل کي وڌايو: ناهيو جويو

پاڪستان سنڌ، پنجاب، ڪي پي ڪي ۽ بلوچستان مان ٺهيو، ايران صرف وفاق نه ۽ صوبائي اسيمبلين ناهي سگهن ٿيون: منيزي جهانگير

پاڪستان ۾ هائيبرڊ جمهوريت آڏي ويندي آهي ۽ طاقت جو اصل پاور انهن طاقتور ماڻهن وٽ ٿي آهي: جاويد قاضي

ماضي ۾ وڏين سياسي تحريڪن هلنديون هيون، هاڻ ڪابه جمهوري عوامي هلچل نظر نٿي اچي: فروخ عالم جو اياز ميلي ۾ خطاب

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ ميوزيم ۾ منعقد ... بقايا نمبر 9 ڊسمبر صفحو 5

اياز جي ميلي ۾ انساني حقن جو تبديل ٿيندڙ منظرنامو سيشن

اڄ تعليمي ادارن ۾ ڳالهائڻ جي آزادي ناهي: غازي صلاح الدين

صحافت اڳ ۾ باشعور بڻائيندي هئي اها هاڻ ڪمزور ٿي رهي آهي

حيدرآباد: انساني حقن جو تبديل ٿيندڙ منظرنامو سيشن ... صحافي غازي صلاح الدين چيو ته اڄ تعليمي ادارن ۾ ... بقايا نمبر 10 ڊسمبر صفحو 5

ميلي ۾ "سنڌ ٿين ايئر بيفور پاڪستان ڪتاب" تي ٻيهڪ، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ تي بحث

حيدرآباد: سنڌ ٿين اير بيفور پاڪستان ڪتاب تي ٻيهڪ ڪئي وئي ... بقايا نمبر 11 ڊسمبر صفحو 5

ليڪڪ ادل سومرو جي ڪتاب "ڪارونجهر کي سون ڏئو" جي مهورت

ادل سومرو، شيخ اياز تي تمام بهترين نموني لکيو آهي: نصير مرزا

جيڪي ماڻهو ڪٺن سان ساٿ ڪندا آهن اهي ئي تنقيد جو نشانو بڻائيندا آهن

حيدرآباد: اياز ميلي ۾ ليکڪ ادل سومرو جي ڪتاب ... نصير مرزا چيو ته 1988ع ۾ ادل سومرو ... بقايا نمبر 13 ڊسمبر صفحو 5

ڪتاب "ولاڙ" تي ٻيهڪ ليکڪ اختر حفيظ جي ڪهاڻي ۾ روايتي شيون موجود آهن: امر لغاري

حيدرآباد: اياز ميلي جي سنڌ ميوزيم هال ۾ نامياري ليکڪ اختر حفيظ جي لکيل ڪتاب ولاڙ جي مهورت ... بقايا نمبر 12 ڊسمبر صفحو 5

حيدرآباد: سنڌ ميوزيم ۾ منعقد اياز ميلي دوران عورت ڳائڻين شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري پيش ڪندي

گهوٽڪي ۾ سخي سرتاج سائين چانڊيو رام جي 122 هين ورسي جي موقعي تي مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائي وئي

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي ۾ سخي سرتاج سائين چانڊيو رام جي 122 هين ورسي جي موقعي تي ميڊيڪل اسٽور پبلڪ گهوٽڪي ۽ سائين چانڊيو رام صاحب دربار ... بقايا نمبر 14 ڊسمبر صفحو 5

ٽنڊو محمد خان پيپلز اسڪول ۾ ثقافتي ميلو سنڌي ثقافت کي ڀرپور پيش

ٽنڊو محمد خان (ن ع) ٽنڊو محمد خان پيپلز اسڪول جي طرفان ثقافتي ميلي ... بقايا نمبر 15 ڊسمبر صفحو 5

ٽنڊوآدم جي ڪائونسلر شاهد بلوچ جي دڪان جا تالا ٽوڙي چور روڪ رقم ۽ سامان ٻهاري ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي سکنڊرآباد ... بقايا نمبر 16 ڊسمبر صفحو 5

شهيد راڻي جي ورسي ۽ شرڪت لاءِ ٽ پ ميرپورخاص ڊويزن جو اجلاس

27 ڊسمبر ۾ جمالي ۾ لڳاتار ڏينهن آهي: شهيد راڻي ڪي روحاني طور آءِ ڪ لڳ آهي: هوبش ملاڻي

ملي (ن ع) پيپلزپارٽي ميرپورخاص ڊويزن جو اجلاس ... بقايا نمبر 16 ڊسمبر صفحو 5

ڇوهڙجمالي لڳ بخار ۽ ڊائري جي بيماري ڦهلجي لڳي، 2 معصوم نينگر فوت

يوسي لاڏيون ۾ 4 سالن جي مريم کي بخار ۽ ڊائريا سبب اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو ته رستي ۾ دم ڏنو

يوسي چڇ جهان خان واسي 4 ورهين جو گل حسن ملاح تيز بخار هجڻ سبب حياتي وڃائي

فوت ٿيل ٻنهي ٻارن جي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪئي ويا، گهر ۾ ڪهرام

ڇوهڙجمالي (ن ع) 3 سالا معصوم نينگر لاڏيون ... بقايا نمبر 38 ڊسمبر صفحو 5

ميرپورماٿيلو: گرفتار ڪيل زميندار ٻئي طرف سگهه ڇني ۾ ڪيل نينگري

سڪرنڊ جي ملت هاءِ اسڪول پاران جشن ثقافت جو ڏهاڙو ملهايو ويو

سڪرنڊ (ن ع) ملت هاءِ اسڪول سڪرنڊ پاران ... بقايا نمبر 39 ڊسمبر صفحو 5

ايپارڙو ويجهو پوليس ۽ رينجرز جو پنجين ڏينهن ڌاڙيلن خلاف آپريشن، 5 ڌاڙيل مارجي ويا

ڊي آءِ جي سکر جي اڳواڻي ۾ آپريشن دوران ظفري جهجهل، غني گرهاڻي، ظفر ۽ بهادر عمراڻي مارجي ويا: پوليس

آپريشن دوران هڪ مهينو اڳ اغوا ٿيل رحيميارخان عمر ظاهر، طارق رشيد، شاهد ڪي ٻن بازياب ڪرايو آهي

بدنام ڌاڙيلن ڊوڙيل بڪراڻي ۽ پوليس شيما بڪراڻي کي ٻن گرفتار ڪري ورتو آهي

ايپارڙو (رپورٽ غلام قمبر بوهڙ) ... بقايا نمبر 40 ڊسمبر صفحو 5

ايپارڙو: پوليس آپريشن ڪانپي گرفتار ڪيل عورتون ۽ مرد، ٻئي طرف هٿ ڪيل هٿيار نظر اچي رهيا آهن

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID

THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBI-PT-CESS-305569001-2025	CONSTRUCTION OF WASHROOMS AT PASAKHI FIELD, SINDH PROVINCE	09.01.2026 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-LBI-PT-CESS-305971514-2025	CONSTRUCTION OF WATER PIT, STONE PITCHING AND PAINT WORK AT BETTANI FIELD, LAKKI MARWAT, KPK PROVINCE	12.01.2026 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-LBI-PT-CESS-306166378-2025	CONSTRUCTION OF WASTE YARDS AT CHANDA PLANT, DISTRICT KOHAT, KPK PROVINCE	13.01.2026 AT 1130 HRS
4.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-306034011-2025	CONSTRUCTION OF CIVIL WORKS AND REPAIR OF CRUDE STORAGE TANKS AT MELA PLANT, SHAKARDARA KOHAT, KPK PROVINCE	14.01.2026 AT 1130 HRS
5.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-306365165-2025	CONSTRUCTION OF SHED WITH CONCRETE FLOORING AND ROOM AT PASAKHI FIELD, SINDH PROVINCE	15.01.2026 AT 1130 HRS
6.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-306387772-2025	REPAIR WORK OF APPROACH ROAD TO QADIRPUR-17, QADIRPUR FIELD, GHOTKI, SINDH PROVINCE	16.01.2026 AT 1130 HRS

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.

ogdcl.com
No. 345/41

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY

سکر ۾ ٻئي لوڪ سهائتا انٽرنيشنل ميراٿن ريس اڄ منعقد ڪئي ويندي

سکر (رپورٽ) لوڪ سهائتا آرگنائيزيشن طرفان سکر ۾ ٻئي سالياني لوڪ سهائتا انٽرنيشنل ميراٿن ريس ... بقايا نمبر 25 ڊسمبر صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.